# قصيدة بردة

## جو عام فهم سنڌي ترجمون



ازقلم:
حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي

وما أرسلناك إلا رحمة للعالمين

00000

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، مُحمّد ﷺ مُڪائِين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چئو چايائين،
اَنَا مَوْلَاكَ وَاَنْتَ مَحْبُوْبِيْ، ان پر اُتائين،
ڏِکي ڏنائين، هئي سراٿون سيّد چوي.

○

اکيون مُنهن ميهار ﷺ ڏي، جن رکيون جوڙي،
رِيءُ سنڌِ سيّد چوي، تار گهڙن توڙي،
تنين ڪي بوڙي، سائر سگهندو ڪينڪي.

○

ڪيچان آيو قافلو، ساٿ ڏئي سروانُ ﷺ،
وار وڏي واڳون ڪريان، پوان هُوند پلاڻُ،
جَهڙو پُنهون پاڻُ، تهڙي سِتا ساٿ جي.

○

مائٽ مِٽ سندو ۾، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي ن ويندو ۾،
ساريو سڌ ڪندو ۾، ڪوهيارو ﷺ ڪيچ ڏي.

○

بسم الله الرحمن الرحيم

بسمه سبحانه وتعالى

نحمده ونصلي ونسلم على حبيبه الكريم

وعلى آله واصحابه واتباعه اجمعين

# اِنتِسَابُ

قصيده برده شريف جي هن سنڌي ترجمي کي آئون پنهنجي جدامجد (ڏاڏي بزرگوار) ۽ پهرئين بابرڪت ۽ ڪامل استاد صاحب العلم والعرفان حضرت آغا عبدالله جان مجددي المعروف به حضرت شاهه آغا سرهندي (رحمت الله عليه) جن جي اسم گرامي ڏانهن منسوب ڪريان ٿو.

منهنجي لاءِ اها وڏي سعادت آهي جو مون قرآن ڪريم جو پهريون سبق (بسم الله شريف) سندن حضور ۾ پڙهيو ۽ حضرت صاحب جن جي دعائن سان مونکي ديني علم نصيب ٿيو.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيهِ مَن يَشَآءُ (القرآن)

ترجمو (اهو الله تعالى جو فضل آهي جنهن کي ٿو چاهي ان کي عطا ڪري ٿو)

راقم الحروف عبدالوحيد سرهندي عفي عنه

# "QASIDAH BURDAH SHARIF"

## Biography of the Poet

1. Name of the Poet who composed this world famous Qasidah is Late Hazart Abu Abdullah Sharafuddin Mohammad Bin Saeed Dulasi Buseri (May Allah's blessing be upon him). This poet was born in Hijri year 608 in Dulas. Later on he migrated to Buser in Egypt.

2. This famous poet became paralytic and he beseeched and prayed for his recovery & health to Holy Prophet (Peace be upon Him) صلی اللہ علیہ وسلم.

3. This poet composed during the period of his illness this "Qasidah Sharif" in honour of Holy Prophet (Peace be upon Him) صلی اللہ علیہ وسلم. The holy Prophet صلی اللہ علیہ وسلم being the Mercy sent by Allah Subhan-oo-Taala was pleased with this "Qasidah" and favoured this poet in dream with his (صلی اللہ علیہ وسلم) "Ziarat" and honoured the poet with a "Cloth Sheet" called "BURDAH" in Arabic. Holy Prophet (صلی اللہ علیہ وسلم) also put his beloved sacred "Hand" دستِ شفا on poet's body. The poet fully recovered from illness and thus "Qasida Burdah" became universally popular.

4. Any Muslim who recites this "Qasidah Burdah Sharif" with love & reverence shall be enabled by Lord Almighty with health and happiness in this world & the world hereafter.

5. This "Qasidah Sharif" is divided into seven chapters. The one who recites the "Qasidah" may start reading it from Friday and complete by Thursday.

**Allama Mufti Abdul Wahid Jan**
*Sarhandi Mujaddidi*
*Naqshbandi*

٤٨٦
٩٣

آهيان عيبدار بي در ڪنهين ۾ دانهيان
نہ حيلو نہ وسيلو ڏٺي تو ڪان ڌار
تون صاحب رَبُ سَتار، ڪندي ٻاجهہ ٻانهن تي
اِهي پنيان دَرِ ۾ پِنُ، جيڪي پنئي پورا ٿيا
نانءُ اُنيجو ڳِنُ، جو مودي آهي ملڪ جو
ڇا ڪان وڃي ڇو، ٻيلي ٿئين ٻين جو
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي جَڳ جو والي جو
سوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين
جڪري جيڏو، پُرس نہ پسان ڪي ٻيو
اقديت مُلڪِي عليڪ يا محمد تيس اقبال ايڏو
ڏس قادر رب ڪيڏو، ڏِنو شرف شفيعَ کي
جيئان جڙيو جڪرو، تنهن مِٽِي کونهي مُلهہ
اهڙو گوهر گل پاڻ ڏٺي پئدا ڪيو
جا نشاني نور جي سا پرينءِ پيشاني
جهڙس ڪونہ جهان ۾ سندءِ ڪو ثاني
قمر قرباني، شمس سچوئي گهوريان
مديني جا ڏٺي سڻ منهنجا سڏڙا
خطائون ڪٺي ڏِنا ڏوهہ بخشائين.
(شاهہ رحہ)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ (القرآن)

(ترجمو: ۽ اسان خاص توهان لاءِ توهانجو ذڪر بلند ڪيو)

# قَصِيۡدَةُ بُرۡدَةِ

جو عام فهم سنڌي ترجمو


از قلم:

حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي

درگاه مجدديه . ٽنڊو سائينداد . تعلقه ٽنڊو محمد خان

ضلع حيدرآباد . سنڌ



ڇپائيندڙ:

دعا جو طالب احقر الله بخش سومرو

ولد مرحوم عبدالرسول سومرو

ڇپيندڙ: قاضي پرنٽرز گاڏي کاتو ڪراچي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نَحۡمَدُهٗ وَنُصَلِّيۡ وَنُسَلِّمُ عَلٰى حَبِيۡبِهِ الۡكَرِيۡمِ

# ڪائنات جي تخليق سرور ڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جن جي نور اقدس مان ٿي:

ارشاد نبوي صلى الله عليه وآله وسلم:

و روى عبد الرزاق بسنده عن جابر بن عبد الله انصاري قال قلت يارسول الله بابى انت وامّى اخبرنى عن اول شئ خلقه الله تعالىٰ قبل الاشياء .قال ياجابر ان الله خلق قبل الاشياء نور نبيك من نوره فان ذالك النور يدور بالقدرة حيث شاء ولم يكن فى ذالك الوقت لوح[1] ولا قلم[2] ولا عرش[3] ولا جنة[4] ولا نار[5] ولا ملك[6] ولا سماء[7] ولا ارض[8] ولا شمس[9] ولا قمر[10] ولا جن[11] ولا انس[12] فلما اراد الله ان يخلق الخلق قسم ذالك النور اربعة اجزاء فخلق من جزء الاول القلم

ومن الثانی اللوح ومن الثالث العرش ثم قسم جزء
الاربع اربع اجزاء فخلق من الاول السموات ومن
الثانی الارضین ومن الثالث الجنة والنار ثم قسم
الرابع ثلاثة اجزاء فخلق من الاول نور ابصار للمؤمنین
ومن الثانی نور قلوبہم وهی معرفة باالله ومن الثالث
نور انسہم وهو التوحید لا اله الا الله محمد رسول الله
صلی الله علیه وآله وسلم. منقول از بیاض سرهندی ص ٢٦

ترجمو: حضرت جابر بن عبدالله انصاري رضي الله
تعالیٰ عنه فرمائن ٿا ته مون رسول عربي عليه الصلوٰة والسّلام
جي دربار اقدس ۾ عرض ڪيو ته منهنجا پيءُ ماءُ توهان تان
قربان ٿين، توهان مون کي ٻڌايو ته رب العٰلمين ساري مخلوقات
کان اڳ ۾ ڪهڙي شيءِ پيدا ڪئي؟ رسول عربي عليه الصلوٰة
والسّلام ارشاد فرمايو ته اي جابر - رب العٰلمين سڀ کان پهرين
تنهنجي نبيءَ جي نور کي پنهنجي نور مان پيدا فرمايو. اُن کان
پوءِ اهو نور الله تعالیٰ جي مرضي مطابق سير ڪندو رهيو.
ان وقت نه لوح هو نه قلم هو نه بهشت هو نه دوزخ
هئي، نه ملائڪ هئا، نه آسمان هو، نه زمين هئي، نه سج

هو، نہ چنڊ هو، نہ جن هئا ۽ نہ انسان هئا. پوءِ جڏهن الله تعاليٰ مخلوق کي پيدا ڪرڻ چاهيو، تہ ان نور جا چار حصا ڪيا. هڪ حصي مان قلم پيدا ڪيو، ٻئي حصي مان لـوح پيدا ڪيو، ٽين حصي مان عرشِ عظيم پيدا ڪيو، چوٿين حصي مان وري چار حصا ڪيا ويا. پهرئين حصي مان آسمان ۽ ٻئي حصي مان زمين ۽ ٽئين مان جنت ۽ دوزخ ٺاهيا ويا. ان کان پوءِ چوٿين حصي کي ٽي حصا ڪيا ويا پوءِ پهرئين حصي مان مؤمنن جي اکين جو نور پيدا ڪيو ويو ۽ ٻئي حصي مان مؤمنن جي دلين جو نور پيدا ڪيو ويو، اها الله جي معرفت آهي ۽ ٽئين حصي مان مؤمنن جي وـتدر پيدا ڪئي ۽ اهو ڪلمهٔ توحيد لَآ اِلٰه اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رسولُ اللهِ صلي الله عليه وآله وسلم آهي.

هي حديث مسند عبد الرزاق ۾ آهي ۽ ڪتاب نشر الطيب جي اول ۾ پڻ موجود آهي.

هن حديث شريف مان معلوم ٿيو تہ عرشِ عظيم کان وٺي تحت الثريٰ تائين جيڪا بہ مخلوق آهي سا پاڻ ﷺ جي

جي نور مان پيدا ٿي آهي:

لوح بھی تو قلم بھی تو تیرا وجود الکتاب

گنبد آبگینہ رنگ تیرے محیط میں حباب

علامہ اقبال

# لافاني ذڪر

سرورِ ڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جو ذڪر هڪ لافاني ذڪر آهي. قرآن ڪريم جي پاره: ٢٢ سورة احزاب ۾ ارشاد باري تعالىٰ آهي:

"إِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا"

ترجمو: بيشڪ الله تعالىٰ ۽ الله جا فرشتا رسولِ عربي تي صلوٰة وسلام موڪلي رهيا آهن، اي مؤمنو توهان به پاڻ ڪريمن تي صلوٰة وسلام موڪليندا رهو.

هن آيت شريف مان چار بنيادي ڳالهيون معلوم ٿيون:

① ڪائنات جي تخليق کان اڳ ۾ الله تعالىٰ وَحْدَهٗ

لَا شَرِيْكَ لَهٗ موجود هو ۽ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ڪريم جي ذڪر ۾ پنهنجي شان مطابق مشغول هو:

② ڪائنات جي تخليق کان فورًا پوءِ سيئي ملائڪ پنهنجي معيار مطابق رب العٰلمين جي حڪم موجب ذڪرِ مصطفيٰ ۾ شروع ٿي ويا.

③ انسانن مان حضرت آدم عليه السّلام جنت ۾ درود شريف پڙهي ذڪرِ مصطفيٰ جي ابتدا ڪئي ۽ پوءِ هر نبي ۽ پيغمبر پنهنجي دور ۾ ذڪرِ مصطفيٰ ڪيو.

④ هن امت مان سڀ کان اوّل صحابه ڪرام کي اهو شرف حاصل ٿيو جن هن آيت شريف جي حڪم پهچڻ شرط ذڪرِ مصطفيٰ جي ابتدا ڪري ڇڏي ۽ اڄ اهو عظيم ڪم اهل جي حوالي آهي.

⑤ رب العٰلمين جي حڪم مطابق ملائڪ ۽ مؤمن ذڪرِ مصطفيٰ ۾ مشغول رهندا، ايستائين جو هي ڪائنات فنا ٿي ويندي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي: كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ.

ترجمه. هر شيءِ جيڪا ڪائنات ۾ آهي اها فاني آهي

۽ رسولِ عربي توهان جو رب باقي هوندو جيڪو وڏي جلال ۽ شان وارو آهي.

هن آيت مان معلوم ٿو ٿئي ته هر شيءِ فنا ٿي ويندي ۽ سڀئي ذڪر اذڪار ختم ٿي ويندا، پر ڇو ته الله وحدهٗ لاشريڪ لهٗ موجود هوندو ۽ ان جي پنهنجي شان وٽان ذڪرِ مصطفىٰ ۾ هوندو، ان ڪري ذڪرِ مصطفىٰ باقي رهندو جنهن کي ڪو فنا ڪونهي.

# عظيم ۽ بلند ذڪر

سرورِ ڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جو ذڪر هڪ عظيم ۽ بُلند ذڪر آهي. قرآن ڪريم جي پاره: ٣٠، سورة اَلَمْ نَشْرَحْ ۾ ارشادِ باري تعالىٰ آهي: وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ. ترجمه: اي حبيب! اسان توهان لاءِ توهانجي ذڪر کي بلند ڪيو آهي.

هن آيت شريف مان چار ڳالهيون معلوم ٿيون:

① ذڪرِ مصطفىٰ کي بُلند ڪرڻ جي ذميداري رب العٰلمين پاڻ کنئي آهي.

(٢) ذڪرِ مصطفىٰ کي بُلند ڪرڻ ۾ پاڻ ڪريمن جو رضامند و مطلوب آهي.

(٣) ذڪرِ مصطفىٰ کي هر وقت (دنيا ۽ آخرت ۾) بُلند ڪيو ويو آهي.

(٤) ذڪرِ مصطفىٰ کي بُلند ڪرڻ لاءِ هر دور ۾ مؤمنن جي هڪ جماعت منتخب ڪئي وئي آهي.

ذڪرِ مصطفىٰ کي بُلند ڪرڻ لاءِ پهريائين جن عظيم شخصيتن کي انتخاب ڪيو ويو، انهن ۾ سرِفهرست صحابه ڪرام ۽ اهل بيت آهن. صحابه ڪرام مان خلفاءِ راشدين حضرت حسان بن ثابت، حضرت ڪعب بن زهير، حضرت ڪعب بن مالڪ، حضرت مالڪ بن نمط، حضرت نابغه جعدي، حضرت اعشي مازاني، حضرت قيس اشجعي، حضرت مأذن الطائي رضى الله تعالىٰ عنهم آهن. هيءُ انهن عظيم صحابہ ڪرام جا نالا مبارڪ آهن جن رسولِ عربي جي دربارِ اقدس ۾ نعتون پيش ڪري ذڪرِ مصطفىٰ بُلند ڪيو.

اهل بيت ڪرام مان جن عظيم شخصيتن کي نعتِ

مصطفىٰ جي سعادت حاصل ٿي انهن ۾ سائين ڪريمن جا چاچا حضرت سيدنا حمزه ۽ حضرت سيدنا عباس بن عبد المطلب رضی اللہ تعالیٰ عنهما ۽ سائين ڪريمن جون پڦيون حضرت بي بي عاتڪه ۽ بي بي صفيه ۽ سائين ڪريمن جي نياڻي بي بي فاطمه ۽ حضرت امام زين العابدين بن حضرت سيدنا امام حسين رضی اللہ تعالیٰ عنهم قابلِ ذڪر آهن

تابعين ۽ فقه جي امامن مان جن برگزيده انسانن کي نعتِ مصطفىٰ جو شرف حاصل ٿيو آهي، انهن ۾ حضرت امام ابو حنيفه رضی اللہ عنه ۽ حضرت امام شافعي رضی اللہ عنه قابلِ تعريف آهن.

بزرگانِ دين مان جن ولين ۽ ڪاملن کي نعتِ مصطفىٰ جو اعزاز حاصل ٿيو آهي، انهن ۾ حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني، حضرت سيد عثمان مروندي، حضرت خواجه معين الدين چشتي، حضرت علي هجويري، حضرت فريد الدين گنج شڪر فاروقي سراج الاولياء حضرت عبد الرحمان جان سرهندي، حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، حضرت سيد عبد اللطيف ڀٽائي، مخدوم

عبدالرحيم گرهوڙي، خواجه نظام الدين دهلوي، بوعلي شاه قلندر، حضرت شيخ سعدي، مولانا عبد الرحمان جامي، حضرت امير خسرو، مولانا جلال الدين رومي حضرت علامه اقبال، اعليحضرت مولانا احمد رضا بريلوي حضرت محمد جان قدسي ۽ حضرت امام بوصيري جا نالا سرفهرست آهن.

## سرورِ ڪائنات جي خدمت ۾ نعتون:

① سرورِ ڪائنات صلی الله عليه وآله وسلم جن جڏهن مکه مکرمه کان هجرت ڪري مدينه منوره پهتا ته مکه جي ڪافرن سائين ڪريمن جي خلاف هڪ شعر تيار ڪرائي مدينه منوره روانو ڪيو. اهو شعر جڏهن سائين ڪريمن جي اڳيان پڙهيو ويو ته، سائين ڪريمن حڪم فرمايو ته حسان بن ثابت کي وٺي اچو ته اهو هن شعر جو جواب تيار ڪري. حڪم موجب حضرت حسان دربار نبوي ۾ پهتو ۽ عرض ڪيائين ته يارسول الله! آئون هاڻي عمر رسيده ٿي چڪو آهيان ۽ مون

۾ شعر چوڻ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي آهي. سائين
ڪريمن حضرت حسان کي ھي دُعا ڪري پنھنجي منبر
تي ويھاريو. دُعا ھي گھرمايائون: اَللّٰھُمَّ اَيِّدْهُ بِرُوحِ
الْقُدُسِ - ترجمه: اي منھنجا رب تون حسان کي جبرئيل
امين جي طاقت عطا ڪر.

دُعا جو ھي اثر ٿيو جو حضرت حسان في البديه سائينءَ
ڪريمن جي تعريف ۾ ھڪ جامع قصيدو چيائين، انھيءَ
قصيده جا پھريان ٻه بيت تبرڪاً ھت لکجن ٿا:

هَجُوْتَ مُحَمَّدًا فَاَجِبْتُ عَنْهُ
وَعِنْدَاللّٰهِ فِیْ ذَاكَ الْجَزَاءُ

ترجمه: تو ھان سرورِ ڪائنات جي بي ادبي ڪئي آھي ۽ مون
انھن جي طرفان جواب ڏنو آھي ۽ الله تعاليٰ وٽ ان جو فيصلو
ٿيندو.

فَاِنَّ اَبِیْ وَوَالِدَتِیْ وَعِرْضِیْ
لِعِرْضِ مُحَمَّدٍ مِّنْكُمْ وِقَاءُ

ترجمه: پوءِ بيشڪ منھنجو پيءُ ۽ ماءُ ۽ منھنجي عزت
سائينءَ ڪريمن جي عزت ۽ شان تان قربان آھن.

(2) سرورڪائنات صلي الله عليه وآله وسلم جن جڏهن هجرت ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان گڏ مدينه منوره پهتا ته مدينه طيبه جي ماڻهن سائين ڪريمن جو استقبال هنن بيتن سان ڪيو، اهي اشعار سائين ڪريمن پسند فرمايا. انهن استقباليه شعرن مان فقط ٻه شعر تبرڪاً پيش ڪجن ٿا:

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا ۔ مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ
وَجَبَتْ شُكْرُ عَلَيْنَا ۔ مَا دَعَىٰ لِلّٰهِ دَاعٍ

(3) حضرت شيخ سعدي رحمة الله عليه جن جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي تعريف ۾ هي نعت ٿي چئي:

بَلَغَ الْعُلٰى بِكَمَالِهٖ
كَشَفَ الدُّجٰى بِجَمَالِهٖ
حَسُنَتْ جَمِيْعُ خِصَالِهٖ

ته ڪين انهيءَ نعت جي آخري سٽ ڪانه ٿي آئي، تڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن شيخ سعدي رحمة الله عليه کي خواب ۾ آيا ۽ فرمايائون ته

ته انهي نعت جي آخري سٽ هن طرح لک:

صَلوٰةٌ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ

انهي مان معلوم ٿيو ته سائين ڪريم جن پاڻ نعت ٺاهيندڙن جي رهنمائي فرمائن ٿا.

سرورِ ڪائنات صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جي دربار اقدس ۾ سيني شاعرن مختلف ٻولين ۾ پنهنجي شان ۽ معيار مطابق نعتون، مداحون، مولود ۽ قصيدا پيش ڪيا. انهن شاعرن ۽ مداحن جي صف ۾ هڪ عظيم شاعر حضرت امام شرف الدين بوصيري رحمة الله تعالیٰ عليه آهي، جنهن عربيءَ زبان ۾ سرورِ ڪائنات جي مدح ۾ قصيده برده شريف چئي عالمِ اسلام ۾ هڪ غيرمعمولي مقبوليت حاصل ڪئي آهي.

## قصيده برده شريف جي مصنف جي مختصر

# سوانح حيات

هن قصيده بُرده شريف جي ناهيندڙ جو نالو ابو عبدالله شرف الدين محمّد بن سعيد دُلاسي بوصيري رحمة الله تعالىٰ عليه آهي. دُلاسُ مصرجي هڪ شهر جو نالو آهي. سندن ولادت باسعادت سن ۶۰۸ھ دُلاس ۾ ٿي، اُن ڪري ڪين دُلاسي سڏيو ويو. ان کانپوءِ پاڻ اُتان هجرت ڪري بُوصِيرُ نالي مصرجي هڪ ٻئي شهر ۾ آباد ٿيا، اُن ڪري کين بُوصيري سڏيو ويو. پاڻ ديني تعليم وقت جي جيّد عالمن وٽ پڙهي پوري ڪئي. علم تفسير، علم حديث، علم فقه، علم تاريخ ۽ علم ادب ۾ ڪماليت جي درجي تي پهتا. علمي لياقت ۽ فضيلت جي ڪري کين "شَرَفُ الدِّيْنُ" جو لقب مليو.

فصاحت ۽ بلاغت شعر ۽ شاعري ۾ پاڻ پنهنجي وقت جا امام هئا. سندن زندگيءَ جو اڪثر حصو وقت جي بادشاهن

جي خاص مجلسن ۾ گڏجاڻين ۾ گذريو. پاڻ بادشاهن جي تعريف ۾ قصيدا ٺاهي داد حاصل ڪندا هئا، وقت جي بادشاهن جي مجلسن ۾ شرڪت ۽ شعر چوڻ جي ڪري سندن نالو مصر ۽ ٻين اسلامي ملڪن ۾ مشهور ٿي ويو.

هڪ دفعي علامه بوصيري جيئن ئي وقت جي بادشاه جي دربار مان موٽي رهيا هئا ته رستي ۾ سندن ملاقات هڪ ڪامل ولي حضرت اَبُوالرَّجَاء (رحمة الله تعالىٰ عليه) سان ٿي. بزرگ موصوف پنهنجو هٿ علامه بوصيري جي هٿ سان ملائي چيو ته ڇا توهان کي خواب ۾ رسول ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جي زيارت ٿي آهي؟ حضرت اَبُوالرَّجَاء جي هٿ ملائڻ ۽ انهيءَ گفتگو جو ايترو ته اثر ٿيو جو علامه بوصيريؒ جي دل ۾ رسول ڪريم جي محبت ۽ سوز پيدا ٿيو جو پاڻ انهيءَ ڪيفيت ۾ جيئن گهر پهتا ته خواب ۾ ڪين سرور ڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جي زيارت صحابه ڪرام سان گڏ نصيب ٿي. صحابه ڪرام پاڻ ڪريمن جي چوڌاري ايئن ڏسڻ ۾ آيا جيئن چنڊ جي چوڌاري تارا هوندا آهن.

هن عظيم خواب ڏسڻ سان علامه بوصيري جي تقدير
مٽجي وئي، لوڪ جالاڳاپا لاهي، بادشاهن جي تعريف ترڪ
ڪري، فقط ۽ فقط پاڻ ڪريمن جي تعريف ۾ شعر چوڻ
شروع ڪيا. دل جي گهراين، سوز ۽ عشق سان جيڪو به
شعر سندن زبان مان نڪتو ته اهو عربي ادب جو هڪ
بهترين سرمايو ۽ پاڻ ڪريمن سان پيار ڪندڙ غلامن
لاءِ هڪ بهترين توشو ۽ زادِ راه ثابت ٿي پيو.

علامه بوصيري پاڻ ڪريمن جي تعريف ۾ ڪيترائي
قصيدا تيار ڪيا، جن مان قَصِيْدہ مُحَمَّدِيَّه، قصيده هَمْزِيَّه
قَصِيْده مُضَرِيَّهْ نهايت مشهور آهن.

حضرت علامه بوصيري رحمة الله عليه کي فالج جي بيماري
ٿي پئي، وقت جي حاذق حڪيمن ۽ ماهر طبيبن سندس علاج
معالجو ڪيو پر ڪين ان مان ڪو به فائدو نه ٿيو. آخرڪار
علامه بوصيري رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ صلى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ
جي دربار عاليه ۾ التجائون ۽ عرض ڪيا ۽ عربيءَ ۾ هڪ
مڪمل قصيدو تيار ڪيو. سندن اهو قصيدو دربار
نبويءَ ۾ قبول پيو ۽ ڪين سرورِ ڪائنات صلى الله عليه وآله

وسلم جي زيارت نصيب ٿي پاڻ ڪريمن علامه بوصيري جي بدن تي شفقت ۽ شفا جو هٿ مبارڪ ڦيرايو ۽ ڪمال شفقت ۽ مهرباني سان پنهنجي چادر مبارڪ ۽ انعام طور ڪين پهرائي. پاڻ جڏهن سجاڳ ٿيا ته سندن مرض ۽ درد ختم ٿيا ۽ فالج جي بيماري مان ڪين مڪمل شفا ملي ۽ ڏٺائين ته اها چادر سندس مٿان پيل هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو جيئن ئي علامه بوصيري بازار مان وڃي رهيا هئا ته ڪين ساڳيو بزرگ حضرت ابوالرجاء (رحمة الله عليه) مليو. بزرگ فرمايو ته مون کي اهو قصيدو ٻڌاءِ جيڪو توهان گذريل رات سرورِ ڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جي دربار اقدس ۾ پڙهيو هو. علامه بوصيري عرض ڪيو ته قبلا! مون پاڻ ڪريمن جي شان اقدس ۾ ڪافي قصيدا چيا آهن، توهان کي آئون انهن مان ڪهڙو قصيدو پڙهي ٻڌايان؟ بزرگ فرمايو ته تون مون کي اهو قصيدو پڙهي ٻڌاءِ جنهنجو پهريون شعر هي آهي:

أَمِنْ تَذَكُّرِ جِيْرَانٍ بِذِیْ سَلَمٍ

مَزَجْتَ دَمْعًا جَرٰی مِنْ مُقْلَةٍ بِدَمٍ

علامه بوصيري عرض ڪيو ته قبلا اهو قصيدو توهان کي ڪيئن معلوم ٿيو؟ حالانڪ اهو قصيدو مون ڪنهن کي نه ٻڌايو آهي. حضرت ابو الرجاء فرمايو ته گذريل رات توهان اهو قصيدو سرورڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جي دربار اقدس ۾ پڙهي رهيا هئا ۽ پاڻ ڪريم اهو ٻڌي نهايت خوشيءَ مان جهومي رهيا هئا ۽ توهان جي انهيءَ قصيده کي پسند فرمائي رهيا هئا، آئون ان مبارڪ مجلس ۾ موجود هئس. مون کي پاڻ ڪريمن حڪم فرمايو آهي ته مصرجي وزير شيخ بهاء الدين جي نياڻي کي فالج جي تڪليف ٿي پئي آهي، اهو وزير توهان جو مخلص ۽ مريد آهي، توهان اهو قصيدو وٺي اُن نياڻيءَ تي پڙهندا ته ڪيس فالج جي بيماري کان مڪمل نجات ملندي.

علامه بوصيري، حضرت ابو الرجاء کي اهو قصيده برده شريف ڏنو، پڙهڻ سان شيخ بهاءُ الدين جي نياڻيءَ کي مڪمل شفا ملي. ان کان پوءِ هي قصيدو مشرق کان مغرب تائين پوري عالمِ اسلام ۾ مشهور ٿي ويو. هزارن ماڻهن هن قصيده کي آزمايو ۽ کين ڪامل شفا نصيب ٿي.

هي قصيدو مبارڪ هر لاعلاج مرض لاءِ مڪمل شفا آهي، خصوصًا فالج جي مريض لاءِ نهايت مؤثر ۽ مفيد آهي. هونئن ته پوري عالمِ اسلام ۾ هن قصيده جي شفا جا قصا عام آهن، پر اسانجي سنڌ سونهاري جي ضلع خيرپور ۾ ڳوٺ گهرام جي رهاڪو مولانا جمال الدين اجمل کهڙو کي به اوچتو فالج جي تڪليف ٿي پيئي. گهڻائي علاج معالجا ڪرايائين پر فائدو ڪنهن به ڪونه ٿيو. نيٺ پاڻ قصيده برده شريف عربيءَ جو سنڌي ۾ منظوم تشريحي ترجمون لکڻ شروع ڪيو، ترجمون ۽ تشريح مڪمل ٿيو ته مولانا موصوف به بالڪل صحتمند ٿي پيو ۽ الحمدلله اهو ڪتاب اسانجي نظرثاني ۽ نگراني ۾ ڇپجي عام ٿي چڪو آهي. مولانا صاحب جي اسان سان محبت ۽ عقيدت قابلِ تعريف آهي، ڪيس گذريل سال حج جي سعادت به حاصل ٿي آهي

هن قصيدي کي هر دور جي عالمن، ڪاملن ۽ ولين وظيفي طور پڙهيو آهي. عربي زبان ۾ بُرْدَةْ چادر کي چيو ويندو آهي چوته هن قصيده جي مصنف کي پاڻ ڪريمن جي طرفان انعام طور چادر عطا ٿي آهي، ان ڪري

هن قصيده کي قصيده برده يعني چادر وارو قصيدو سڏيو ويو.

هن وقت تائين هن قصيده بُرده شريف جو ترجمون تقريبًا ٩٠ ٻولين ۾ ٿي چُڪو آهي. عالمِ اسلام جي ڪيترن ئي محقق عالمن هن قصيده برده جون شرحون عربي، فارسي ترڪي، انگريزي، جرمني، فرينچ، سنڌي، اردو وغيرهم ۾ لکيون آهن.

قصيده برده جي هن عظيم مصنف جون ٻيون به ڪافي تصنيفون آهن، پر سيني کان مشهور سندن قصيده برده شريف آهي، جيڪو توهان جي هٿن ۾ موجود آهي. هن قصيده جي مصنف جو وصال سنه ٦٩٤ هجري مصر ۾ ٿيو ۽ سندن مزار مبارڪ اڄ به زيارتگاه عام وخاص آهي. اَللّٰهُمَّ اغْفِرْهُ وَارْحَمْهُ وَاَدْخِلْهُ فِىْ زُمْرَةِ النَّبِيِّيْنَ وَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَاءِ وَالصَّالِحِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ط

اسانجي سنڌي زبان ۾ ڪيترن ئي عالمن هن قصيده شريف جا ترجما ۽ شرح لکيا آهن. وقت ۽ دؤر جي تقاضا موجب ماڻهن انهن کي پسند ڪيو.

هن وقت سنڌي زبان ۾ هڪ مختصر ۽ عام فهم ترجمي جي ضرورت هئي. ان ڪري اسان اهو ارادو ڪيو ته هن متبرڪ قصيده جو ترجمون شروع ڪجي. حُسنِ اتفاق سان اسان جو هن سال (۱۴۱۶ھ) رمضان المبارڪ ۾ عُمره شريف تي وڃڻ جو پروگرام ٿيو ۽ الله تعالىٰ جي خاص فضل ۽ ڪرم ۽ رحمة للعٰلمين جي خاص عنايت سان رمضان المبارڪ جي آخري ڏهي ۾ آئون مسجد نبوي شريف ۾ اعتڪاف ۾ ويٺس ۽ اُن دوران قصيده برده شريف جي ترجمي مبارڪ جو ڪم ۲۷، رمضان المبارڪ کان شروع ڪيم ۽ بفضله تعالىٰ مدينه منوره جي حرم نبوي شريف ۾ هن ترجمي جو ڪم هڪ هفتي ۾ مڪمل ڪيم.

بفضله تعالىٰ هن وقت هي قصيده شريف شايع ٿي رهيو آهي ۽ هن جي اشاعت جو ڪم جناب سائين قمر الزمان شاهه صاحب جن ڪرائي رهيا آهن جن کي قصيده برده شريف جي اشاعت جو مدت کان اشتياق هو. اسان جي دلي دعا آهي ته شال اسان جي اها ڪوشش ۽ ڪاوش رحمة للعٰلمين صلى الله عليه وآله وسلم جي دربار اقدس

۾ قبول پوي. آمين ثم آمين.

## قصيده برده شريف جي پڙهڻ جو طريقو:

اسان پڙهندڙ حضرات جي سهوليت خاطر هن قصيده شريف کي ستن حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي. فصل پهريون جمعي ڪان شروع ڪريو ۽ فصل ستون خميس تي پڙهي پورو ڪريو.

جيڪڏهن هي قصيده روزانو پڙهجي ته تمام افضل ۽ باعث ثواب آهي.

بقلم:

عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنه

از: درگاه مجدديه ٽنڊه سائينداد

١٢، سيپٽمبر ١٩٩٧ع

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ
نَحۡمَدُهٗ وَنُصَلِّيۡ وَنُسَلِّمُ عَلٰى رَسُوۡلِهِ الۡكَرِيۡمِ

# اَلۡفَصۡلُ الۡاَوَّلُ

## فصل پهريون: جُمُعَةُ کان پڙهو

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ مُنۡشِئِ الۡخَلۡقِ مِنۡ عَدَمٖ

سڀئي تعريفون الله تعاليٰ لاءِ آهن جنهن ڏهجڻ مان مخلوق کي پيدا ڪيو

ثُمَّ الصَّلٰوةُ عَلَى الۡمُخۡتَارِ فِي الۡقِدَمِ

ان کان پوءِ رسول عربي تي صلواتون هجن جيڪي پهرين کان صاحب اختيار آهن

مَوۡلَايَ صَلِّ وَسَلِّمۡ دَائِمًا اَبَدًا

اي منهنجا الله تون هميشه هميشه صلواتون موڪل

عَلٰى حَبِيۡبِكَ خَيۡرِ الۡخَلۡقِ كُلِّهِمِ

پنهنجي حبيب ڪريم تي جيڪي سموري مخلوق کان بهتر آهن

لَوْلَا الْهَوٰى لَمْ تُرِقْ دَمْعًا عَلٰى طَلَلٍ

جيڪڏهن توکي محبت نه هجي ها ته تون ويران جاين تي روئين نه ها

وَّلَا اَرِقْتَ لِذِكْرِ الْبَانِ وَالْعَلَمِ

۽ توکي بَان[1] ۽ عَلم[2] جو ذڪر قطعًا سجاڳ نه ڪري ها

فَكَيْفَ تُنْكِرُ حُبًّا بَعْدَ مَا شَهِدَتْ

پوءِ تون هاڻي محبت کان ڪيئن انڪار ڪري سگهين ٿو

بِهٖ عَلَيْكَ عُدُوْلُ الدَّمْعِ وَالسَّقَمِ

حالانڪ توتي تنهنجا لڙڪ ۽ تنهنجي مُنهن جي زردائڻ گواهه آهي

وَاَثْبَتَ الْوَجْدُ خَطَّىْ عَبْرَةٍ وَّضَنًى

۽ دل جي غم ۽ ڳوڙهن جي ٻن لڪيرن ۽ ڪمزوري

مِّثْلَ الْبَهَارِ عَلٰى خَدَّيْكَ وَالْعَنَمِ

زردي گل جهڙو چهرو ۽ ميندي جهڙي لڪيرن راز ظاهر ڪري ڇڏيو

نَعَمْ سَرٰى طَيْفُ مَنْ اَهْوٰى فَاَرَّقَنِىْ

ها، رسول ڪريم جي يادگيري منهنجي ننڊ کي ڦٽائي ڇڏيو

وَالْحُبُّ يَعْتَرِضُ اللَّذَّاتِ بِالْاَلَمِ

۽ محبت جي ڪري لذتون درد ۽ غم تي پيون آهن

[1] مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره جي رستي تي هڪ خوشبوءِ دار وڻ هو هجرت دوران ياد ڪريمن ان جي هيٺان آرام فرمايو هو. [2] جبل نور جتي پاڪ ڪريمن تي پهرين وحي نازل ٿي هئي.

يَا لَائِمِيْ فِي الْهَوَى الْعُذْرِيِّ مَعْذِرَةً

اي مون کي نصيحت ڪندڙ، تون محبت ۾ منهنجو عذر قبول ڪر

مِنِّيْ إِلَيْكَ وَلَوْ أَنْصَفْتَ لَمْ تَلُمِ

جيڪڏهن تو وٽ انصاف آهي ته تون مون تي ملامت نه ڪر

عَدَتْكَ حَالِيْ وَلَا سِرِّيْ بِمُسْتَتِرٍ

منهنجي محبت جو راز، تو ڪانسواءِ چغل خورن تائين پهچي ويو آهي

عَنِ الْوُشَاةِ وَلَا دَائِيْ بِمُنْحَسِمِ

منهنجو اهو درد ۽ غم ڪنهن صورت ۾ گهٽجي نه ٿو سگهي

مَحَضْتَنِي النُّصْحَ لٰكِنْ لَسْتُ أَسْمَعُهُ

تون مون کي صاف نصيحت ڪرين ٿو ۽ آءٌ اها قطعًا نه ٿو ٻڌان

إِنَّ الْمُحِبَّ عَنِ الْعُذَّالِ فِيْ صَمَمِ

(ڇوته) بيشڪ محبت وارو ملامت ڪندڙن کان بالڪل ٻوڙو هوندو آهي

إِنِّي اتَّهَمْتُ نَصِيْحَ الشَّيْبِ فِيْ عَذَلِيْ

بيشڪ منهنجي پيرسني مون کي نصيحت ڪئي پر مون ان کي نه مڃيو

وَالشَّيْبُ أَبْعَدُ فِيْ نُصْحٍ عَنِ التُّهَمِ

جيتوڻيڪ پيرسنيءَ جي نصيحت، اعتراض کان پري هوندي آهي

فَاِنَّ اَمَّارَتِیْ بِالسُّوْءِ مَا اتَّعَظَتْ

پوءِ بيشڪ منهنجي نفس اماره جهالت سببان ڪا نصيحت نه مڃي

مِنْ جَهْلِهَا بِنَذِيْرِ الشَّيْبِ وَالْهَرَمِ

جيتوڻيڪ پيرسنيءَ اُن کي ڊيڄاري رهي آهي

وَلَا اَعَدَّتْ مِنَ الْفِعْلِ الْجَمِيْلِ قِرٰى

ان پيرسنيءَ جي مهماني لاءِ مون نيڪ عمل جو ڪو بند و بست نه ڪيو

ضَيْفٍ اَلَمَّ بِرَاْسِیْ غَيْرَ مُحْتَشَمِ

جڏهن نه پيرسني اوچتي اچي منهنجي مٿان مهمان ٿي آهي

لَوْ كُنْتُ اَعْلَمُ اَنِّیْ مَا اُوَقِّرُهٗ

جيڪڏهن مون کي معلوم هجي ها ته آئون پيرسنيءَ جي تعظيم نه ڪندس

كَتَمْتُ سِرًّا بَدَالِیْ مِنْهُ بِالْكَتَمِ

ته آئون رنگ هڻي راز کي ظاهر ٿيڻ کان لڪايان ها

مَنْ لِّیْ بِرَدِّ جِمَاحٍ مِّنْ غَوَايَتِهَا

ڪير آهي جيڪو منهنجي نفس اماره کي گمراهي کان روڪي

كَمَا يُرَدُّ جِمَاحُ الْخَيْلِ بِاللُّجُمِ

جيئن سرڪش گهوڙي کي لغام سان موٽايو وڃي ٿو

فَلَا تَرُمْ بِالْمَعَاصِيْ كَسْرَ شَهْوَتِهَا

پوءِ گناهن ڪرڻ سان تنهنجي خواهش گهٽ نه ٿيندي

اِنَّ الطَّعَامَ يُقَوِّيْ شَهْوَةَ النَّهِمِ

بيشڪ گهڻي کائڻ واري بيماري ۾ گهڻي کائڻ سان پيٽ نه ٿو ڀرجي

وَالنَّفْسُ كَالطِّفْلِ اِنْ تُهْمِلْهُ شَبَّ عَلٰى

۽ نفس اماره جي عادت ان کير پيئندڙ ٻار جهڙي آهي

حُبِّ الرِّضَاعِ وَاِنْ تَفْطِمْهُ يَنْفَطِمِ

جو جيڪڏهن ان کان ٿڃ نه ڇڏائجي ته جواني تائين کير پيئندو

فَاصْرِفْ هَوَاهَا وَحَاذِرْ اَنْ تُوَلِّيَهُ

پوءِ تون نفس جي خواهشن کي روڪ ۽ ان کان ڊڄ ته متان اهو تو تي حاڪم ٿي وڃي

اِنَّ الْهَوٰى مَا تَوَلّٰى يُصْمِ اَوْ يَصِمِ

بيشڪ جڏهن نفس غالب ٿئي ٿو ته انسان کي هلاڪ يا عيبدار ڪري ٿو

وَرَاعِهَا وَهِيَ فِي الْاَعْمَالِ سَائِمَةٌ

۽ تون پنهنجي نفس کي نيڪ عملن واري چراگاهه ۾ چار

وَاِنْ هِيَ اسْتَحْلَتِ الْمَرْعٰى فَلَا تُسِمِ

۽ جيڪڏهن اهو گناهن جي چراگاهه ۾ چرڻ چاهي ته ان کي تون منع ڪر

كَمْ حَسَّنَتْ لَذَّةً لِلْمَرْءِ قَاتِلَةً

ڪيترئي لذيذ شيون انسان لاءِ نقصان ده آهن

مِنْ حَيْثُ لَمْ يَدْرِ اَنَّ السَّمَّ فِي الدَّسَمِ

ڇو ته ماڻهو نه ٿو ڄاڻي ته ڪوسٽي ۾ زهر مليل آهي

وَاخْشَ الدَّسَآئِسَ مِنْ جُوْعٍ وَّمِنْ شَبَعٍ

۽ تون نفس جي فريب کان خوف ڪر چاهي اهو بکايل هجي يا ڍاول هجي

فَرُبَّ مَخْمَصَةٍ شَرٌّ مِّنَ التُّخَمِ

ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن خالي پيٽ جا نقصان ڀريل پيٽ کان وڌيڪ هوندا آهن

# اَلْفَصْلُ الثَّانِى

## فصل ٻيو: چنچر کان پرهيز

وَاسْتَفْرِغِ الدَّمْعَ مِنْ عَيْنٍ قَدِ امْتَلَأَتْ

۽ تون جاري ڪر اکين ڳوڙها جيڪي گناهن سبب ان تنهنجي اکين ۾ ڀرجي آيا آهن

مِنَ الْمَحَارِمِ وَالْزَمْ حِمْيَةَ النَّدَمِ

۽ هاڻي تون هميشه انهن ڪيل گناهن تي پشيماني ڪر

وَخَالِفِ النَّفْسَ وَالشَّيْطَانَ وَاعْصِهِمَا

۽ تون (هميشه) نفس اماره ۽ شيطان جي مخالفت ڪر

وَاِنْ هُمَا مَحَّضَاكَ النُّصْحَ فَاتَّهِمِ

جيڪڏهن توکي اهي چڱي نصيحت ڪن تڏهن به تون انهن تي شڪ ڪر

وَلَا تُطِعْ مِنْهُمَا خَصْمًا وَّلَا حَكَمًا

۽ تون نفس ۽ شيطان جي تابعداري نه ڪر چاهي اهي مخالف هجن چاهي اهي حاڪم هجن

فَاَنْتَ تَعْرِفُ كَيْدَ الْخَصْمِ وَالْحَكَمِ

ڇو ته بيشڪ تون دشمن ۽ حاڪم جي چالن کان چڱي طرح واقف آهين

اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ مِنْ قَوْلٍ بِلَا عَمَلٍ

آءُ ٿون الله تعالى کان معافي وٺان ٿو ان قول بابت جيڪو عمل کان سواءِ آهي

لَقَدْ نَسَبْتُ بِهٖ نَسْلًا لِّذِيْ عُقُمِ

گوياڪ آءُ ٿون ان وقت سنڍ عورت ڏانهن اولاد جي نسبت ڪريان ٿو

اَمَرْتُكَ الْخَيْرَ لٰكِنْ مَّا ائْتَمَرْتُ بِهٖ

آءُ ٿون ٻين کي نصيحت ڪريان ٿو پر پاڻ خود بي عمل آهيان

وَمَا اسْتَقَمْتُ فَمَا قَوْلِيْ لَكَ اسْتَقِمِ

منهنجي نصيحت جو اثر ٻين تي ڪيئن ٿيندو جڏهن ته آءُ ٿون خود بي عمل آهيان

وَلَا تَزَوَّدْتُ قَبْلَ الْمَوْتِ نَافِلَةً

توشهٔ آخرت لاءِ مون ڪو به نفلي ڪم نه ڪيو آهي.

وَلَمْ اُصَلِّ سِوٰى فَرْضٍ وَّلَمْ اَصُمِ

۽ فرضي نماز ۽ فرضي روزي کان سواءِ مون وٽ ڪو عمل ناهي

ظَلَمْتُ سُنَّةَ مَنْ اَحْيَى الظَّلَامَ اِلٰى

ان رسول ڪريم جي سُنت کي مون ڇڏيو آهي جنهن راتيون عبادت ۾ گذاريون

اَنِ اشْتَكَتْ قَدَمَاهُ الضُّرَّ مِنْ وَّرَمٖ

ايستائين جو سندن قدم مبارڪن تي سوڄ ظاهر ٿي پئي

وَشَدَّ مِنْ سَغَبٍ اَحْشَآءَهٗ وَطَوٰى

پاڻ ڪريم بک کان پنهنجي نازڪ پيٽ مبارڪ تي

تَحْتَ الْحِجَارَةِ كَشْحًا مُّتْرَفَ الْاَدَمِ

سخت پٿر ٻڌندا هئا (جيئن بک جو اظهار نه ٿئي).

وَرَاوَدَتْهُ الْجِبَالُ الشُّمُّ مِنْ ذَهَبٍ

پاڻ ڪريمن لاءِ وڏا جبل سونا ٿي اچي سندن دربار ۾ پهتا

عَنْ نَّفْسِهٖ فَاَرَاهَا اَيَّمَا شَمَمِ

پر پاڻ ڪريم جن انهن تي انهن (ڪڏهن به) متوجه نه ٿيا

وَأَكَّدَتْ زُهْدَهُ فِيهَا ضَرُورَتُهُ

ضرورت جي باوجود پاڻ ڪريمن دنيا کان زهد اختيار ڪيو

إِنَّ الضَّرُورَةَ لَا تَعْدُو عَلَى الْعِصَمِ

بيشڪ دنيا جي (ڪابه) ضرورت سندن ذات اقدس تي غالب نه ٿي

وَكَيْفَ تَدْعُو إِلَى الدُّنْيَا ضَرُورَةُ مَنْ

ڀلا ڪهڙي ضرورت پاڻ ڪريمن کي دنيا ڏانهن مائل ڪري سگهي ٿي

لَوْلَاهُ لَمْ تَخْرُجِ الدُّنْيَا مِنَ الْعَدَمِ

حالانڪ جيڪڏهن پاڻ ڪريم نه هجن ها ته دنيا پيدا ئي نه ٿئي ها

مُحَمَّدٌ سَيِّدُ الْكَوْنَيْنِ وَالثَّقَلَيْنِ

محمد ﷺ ڪريم ٻنهي جهانن جا ۽ انسانن ۽ جنن جا سردار آهن

وَالْفَرِيقَيْنِ مِنْ عُرْبٍ[1] وَّمِنْ عَجَمٍ[2]

۽ پاڻ ڪريم ٻنهي فريقن يعني عربن ۽ عجمين جا سردار آهن

نَبِيُّنَا الْآمِرُ النَّاهِي فَلَا أَحَدٌ

اسانجو نبي نيڪي جو حڪم ڪندڙ ۽ برائي کان منع ڪندڙ آهي

أَبَرَّ فِي قَوْلِ لَا مِنْهُ وَلَا نَعَمِ

۽ پاڻ ڪريم ها ۽ نه، ڪرڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ صاف گو آهن

[1] خالص عرب؛ از فيروز اللغات۔ [2] غير عرب؛ از فيروز اللغات۔

هُوَ الْحَبِيْبُ الَّذِيْ تُرْجٰى شَفَاعَتُهٗ

رسول عربي ﷺ الله تعالىٰ جا اهڙا حبيب آهن جن جي شفاعت جي اميد آهي

لِكُلِّ هَوْلٍ مِّنَ الْاَهْوَالِ مُقْتَحِمِ

(قيامت جي ڏينهن) جڏهن ماڻهن لاءِ سختيون ۽ مصيبتون گهڻيون هونديون

دَعَا اِلَى اللّٰهِ فَالْمُسْتَمْسِكُوْنَ بِهٖ

پاڻ ڪريمن ماڻهن کي الله تعالىٰ ڏانهن سڏيو جن ماڻهن سندن دامن جهليو

مُسْتَمْسِكُوْنَ بِحَبْلٍ غَيْرِ مُنْفَصِمِ

سو اهي الله جي اهڙي مضبوط رسي کي پڪڙيو جيڪا ٽٽندڙ ناهي

فَاقَ النَّبِيِّيْنَ فِيْ خَلْقٍ وَّفِيْ خُلُقٍ

رسول عربي ﷺ تخليق ۽ اخلاق ۾ ٻين پيغمبرن تي فوقيت رکن ٿا

وَلَمْ يُدَانُوْهُ فِيْ عِلْمٍ وَّلَا كَرَمِ

ٻيا ڪو به پيغمبر رسول عربي ﷺ جي علم ۽ ڪرم کي پهچي نه سگهيو

وَكُلُّهُمْ مِّنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ مُلْتَمِسٌ

سيئي پيغمبر پاڻ ڪريمن کان فيض حاصل ڪندڙ آهن، گويا ڪ انهن

غَرْفًا مِّنَ الْبَحْرِ اَوْ رَشْفًا مِّنَ الدِّيَمِ

سندن فيض جي درياءَ مان هڪ لپ حاصل ڪئي يا گهڻي برسات مان هڪ ڦڙو ڪي پيتو

وَوَاقِفُوْنَ لَدَيْهِ عِنْدَ حَدِّهِمُ

پاڻ ڪريمن جي اڳيان سڀئي پيغمبر ايئن بيٺل آهن

مِنْ نُقْطَةِ الْعِلْمِ اَوْمِنْ شَكْلَةِ الْحِكَمِ

جيئن علم جي مقابلي ۾ هڪ نقطو يا حڪمت جي مقابلي ۾ اعراب[ك] جي

فَهُوَ الَّذِىْ تَمَّ مَعْنَاهُ وَصُوْرَتُهٗ

پوءِ سندن ذات اقدس ۾ باطني ۽ ظاهري ڪمالات مڪمل ٿيا

ثُمَّ اصْطَفَاهُ حَبِيْبًا بَارِئُ النَّسَمِ

ان ڪان پوءِ ربّ العٰلمين کين چونڊي پنهنجو حبيب بڻايو

مُنَزَّهٌ عَنْ شَرِيْكٍ فِىْ مَحَاسِنِهٖ

پاڻ ڪريمن جي حُسن ۽ خوبصورتي ۾ سندن ڪو شريڪ ناهي

فَجَوْهَرُ الْحُسْنِ فِيْهِ غَيْرُ مُنْقَسِمِ

پوءِ سندن حُسن وارو جوهر تقسيم ٿيندڙ ناهي

دَعْ مَا ادَّعَتْهُ النَّصَارٰى فِىْ نَبِيِّهِمُ

حضرت عيسىٰ لاءِ جيڪا عيسائن نسبت ڪئي هئي اها تون ڇڏي ڪر

وَاحْكُمْ بِمَا شِئْتَ مَدْحًا فِيْهِ وَاحْتَكِمِ

۽ پاڻ ڪريمن جي تعريف ۽ مدح لاءِ جيڪو توکي فيصلو وڻي سو پيو ڪر

ك پيش، زبر ۽ زير کي اعراب چئبو آهي.

وَانْسُبْ اِلٰى ذَاتِهٖ مَاشِئْتَ مِنْ شَرَفٍ

۽ تون سندن ذات اقدس ڏانهن جيڪو شرف چاهين سو ڀلي منسوب ڪر

وَّانْسُبْ اِلٰى قَدْرِهٖ مَاشِئْتَ مِنْ عِظَمٍ

۽ تون سندن شان اقدس ڏانهن جيڪا عظمت چاهين سا ڀلي منسوب ڪر

فَاِنَّ فَضْلَ رَسُوْلِ اللّٰهِ لَيْسَ لَهٗ

ڇو ته بيشڪ پاڪ ڪريمن جا فضائل ايترا ته بي حساب آهن

حَدٌّ فَيُعْرِبُ عَنْهُ نَاطِقٌۢ بِفَمٖ

جو انهن کي ڪو به قابل زبان سان بيان ڪري نه ٿو سگهي

لَوْ نَاسَبَتْ قَدْرَهٗ اٰيَاتُهٗ عِظَمًا

پاڪ ڪريمن جي عظمت جي مقابلي ۾ جيڪڏهن سندن معجزا هجن ها

اَحْيَى اسْمُهٗ حِيْنَ يُدْعٰى دَارِسَ الرِّمَمِ

ته سندن نالي مبارڪ وٺڻ سان مئل زنده ٿين ها

# الفَصلُ الثَّالِث

## فصل ٽيون: آچر ڏينهن پڙهو

لَمْ يَمْتَحِنَّا بِمَا تَعْيَى الْعُقُولُ بِهِ

پاڻ ڪريمن اسان کان اهو امتحان نه ورتو جنهن ۾ اسان جو عقل عاجز ٿئي

حِرْصًا عَلَيْنَا فَلَمْ نَرْتَبْ وَلَمْ نَهِمِ

چوته پاڻ اسان سان پيار ڪندڙ آهن انهن ڪري اسين ڪنهن شڪ ۽ وهم ۾ نه پياسين

أَعْيَى الْوَرَى فَهْمُ مَعْنَاهُ فَلَيْسَ يُرَى

سڀ مخلوق پاڻ ڪريمن جي حقيقت سمجهڻ کان عاجز ٿي

لِلْقُرْبِ وَالْبُعْدِ فِيهِ غَيْرُ مُنْفَحِمِ

پوءِ ويجهڙا ۽ پري وارا سڀ لاجواب ٿي پيا

كَالشَّمْسِ تَظْهَرُ لِلْعَيْنَيْنِ مِنْ بُعُدٍ

پاڻ ڪريمن جو مثال سج وانگر آهي جيڪو پري کان ننڍو ڏسڻ ۾ اچي ٿو

صَغِيرَةً وَتُكِلُّ الطَّرْفَ مِنْ أَمَمِ

۽ اک ان کي ويجهي ڏسڻ کان عاجز ٿئي ٿي

وَكَيْفَ يُدْرِكُ فِي الدُّنْيَا حَقِيقَتَهُ

دنيا وارا ڪھڙي طرح رسول عربي ﷺ جي حقيقت کي پرکي سگھن ٿا

قَوْمٌ نِيَامٌ تَسَلَّوْا عَنْهُ بِالْحُلُمِ

جڏهن ته اُهي پاڻ غفلت جي ننڊ ۾ بي فڪر سُتل آهن

فَمَبْلَغُ الْعِلْمِ فِيهِ أَنَّهُ بَشَرٌ

پوءِ علم جي انتها هي آهي ته پاڻ ڪريم (بي مثال) بشر آهن

وَأَنَّهُ خَيْرُ خَلْقِ اللهِ كُلِّهِمِ

درحقيقت پاڻ ڪريم سموري مخلوق کان بهتر ۽ پيارا آهن

وَكُلُّ آيٍ أَتَى الرُّسُلُ الْكِرَامُ بِهَا

سڀني معزز رسولن کي جيڪي معجزا عطا ٿيا آهن

فَإِنَّمَا اتَّصَلَتْ مِنْ نُّوْرِهِ بِهِمِ

پوءِ اُهي سڀئي ڪين پاڻ ڪريمن جي نور اطهر مان مليا آهن

فَإِنَّهُ شَمْسُ فَضْلٍ هُمْ كَوَاكِبُهَا

پوءِ بيشڪ پاڻ ڪريم ﷺ ڀلائي جا سج آهن ۽ ٻيا پيغمبر ستارا هئا

يُظْهِرْنَ أَنْوَارَهَا لِلنَّاسِ فِي الظُّلَمِ

ستارا ماڻهن لاءِ پنهنجي روشني ظاهر ڪن ٿا (جڏهن) اونداهي ٿي هجي

حَتّٰى إِذَا طَلَعَتْ فِي الْكَوْنِ عَمَّ هُدَا

ايستائين جو جڏهن دنيا ۾ سج اڀريو (پاڻ ڪريمن جي آمد ٿي)

هَا الْعٰلَمِيْنَ وَاَحْيَتْ سَائِرَ الْاُمَمِ

سندن هدايت جهان وارن لاءِ عام ٿي ۽ سڀئي امتون ان مان مستفيض ٿيون

اَكْرِمْ بِخَلْقِ نَبِيٍّ زَانَهُ خُلُقٌ

ڪهڙي نه سهڻي صورت مبارڪ آهي جنهن کي اخلاقِ ڪريمه سان سينگاريل

بِالْحُسْنِ مُشْتَمِلٍ بِالْبِشْرِ مُتَّسِمِ

سندن خنده پيشانيءَ سان سندن حسن شامل آهي

كَالزَّهْرِ فِيْ تَرَفٍ وَالْبَدْرِ فِيْ شَرَفٍ

پاڻ ڪريم تازگيءَ ۾ مکڙي وانگر ۽ شرف ۾ چنڊ وانگر آهن

وَالْبَحْرِ فِيْ كَرَمٍ وَالدَّهْرِ فِيْ هِمَمِ

پاڻ ڪريم سخا ۾ درياءَ وانگر ۽ همت ۾ زماني وانگر آهن

كَاَنَّهُ وَهُوَ فَرْدٌ فِيْ جَلَالَتِهٖ

پاڻ ڪريم رعب ۽ تاب ۾ به مثال نه ماڻ شخصيت آهن

فِيْ عَسْكَرٍ حِيْنَ تَلْقَاهُ وَفِيْ حَشَمِ

جيئن سندن چوڌاري ڪا فوج ۽ حشمت موجود هجي

كَاَنَّمَا اللُّؤْلُؤُ الْمَكْنُوْنُ فِيْ صَدَفٍ

پاڻ ڪريمن جا ڏند مبارڪ چمڪندڙ موتي جهڙا آهن جيڪي سپي ۾ آهن

مِنْ مَّعْدِنَيْ مَنْطِقٍ مِّنْهُ وَمُبْتَسَمِ

گفتگو ۽ مرڪڻ دوران انهي سپ مبارڪ مان موتي نڪرن ٿا

لَاطِيْبَ يَعْدِلُ تُرْبًا ضَمَّ اَعْظُمَهٗ

جيڪا مٽي رسول عربي جي جسم اطهر کي لڳل آهي ان جي مقابلي ۾ ڪا خوشبو نه آهي

طُوْبٰى لِمُنْتَشِقٍ مِّنْهُ وَمُلْتَثِمِ

مبارڪ آهي اُن ماڻهو کي جنهن اُن مٽيءَ کي سونگهيو ۽ ان کي چُمي ڏني

اَبَانَ مَوْلِدُهٗ عَنْ طِيْبِ عُنْصُرِهٖ

ولادت باسعادت جي وقت ۾ سندن ذات اقدس جي خوشبو ظاهر ٿي وئي

يَاطِيْبَ مُبْتَدَاٍ مِّنْهُ وَمُخْتَتَمِ

اي عقلمندو ڏسو سندن ابتدا ۽ انتها نهايت پاڪيزه هئي

يَوْمٌ تَفَرَّسَ فِيْهِ الْفُرْسُ اَنَّهُمُ

فارس (ايران) وارن اُن ڏينهن عقل سان سمجهيو ته بيشڪ اهي

قَدْ اُنْذِرُوْا بِحُلُوْلِ الْبُؤْسِ وَالنِّقَمِ

ڊيڄاريا ويندا سخت مصيبت ۽ سخت عذاب سان

وَبَاتَ اِيْوَانُ كِسْرٰى وَهُوَ مُنْصَدِعٌ

(ٻانڪريم جن ولادت وقت) ايران جي بادشاهه جو محل ڦاٽي پورا ٿيو

كَشَمْلِ اَصْحَابِ كِسْرٰى غَيْرُ مُلْتَئِمِ

سندس لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ اهو ڪڏهن گڏ نه ٿيو

وَالنَّارُ خَامِدَةُ الْاَنْفَاسِ مِنْ اَسَفٍ

فارس جي باهه افسوس ۾ ڏک سببان اُجهامي وئي

عَلَيْهِ وَالنَّهْرُ سَاهِي الْعَيْنِ مِنْ سَدَمِ

۽ فرات دريا ڏک سببان وهڻ واري چشمي کي وساري ڇڏيو

وَسَاءَ سَاوَةَ اَنْ غَاضَتْ بُحَيْرَتُهَا

ساوه[1] جا ماڻهون خشڪ دريا ڏسي پريشان ٿي ويا

وَرُدَّ وَارِدُهَا بِالْغَيْظِ حِيْنَ ظَمِيْ

۽ پاڻي پريندڙ اُتان ڪاوڙ ۾ خالي موٽيا ٿي - اُن وقت جو اهي اڃايل هئا

كَاَنَّ بِالنَّارِ مَا بِالْمَاءِ مِنْ بَلَلٍ

باهه ڏک سببان پاڻي ٿي وئي

حُزْنًا وَّبِالْمَاءِ مَا بِالنَّارِ مِنْ ضَرَمِ

۽ پاڻي ڏک سببان باهه ٿي ويو

[1] ايران جي هڪ شهر جو نالو آهي.

وَالْجِنُّ تَهْتِفُ وَالْاَنْوَارُ سَاطِعَةٌ

۽ جنّ ندا آواز ڪرڻ لڳا ۽ انوار الاهي چمڪڻ لڳا

وَالْحَقُّ يَظْهَرُ مِنْ مَّعْنًى وَّمِنْ كَلِمِ

۽ حق ظاهر ٿيو قرآن ڪريم ۽ حديث نبوي مان

عَمُوْا وَصَمُّوْا فَاِعْلَانُ الْبَشَائِرِ لَمْ

اهي انڌا ۽ ٻوڙا ٿي پيا ۽ انهن بشارتن جا اعلان نه ٻڌا

تُسْمَعْ وَبَارِقَةُ الْاِنْذَارِ لَمْ تُشَمِ

۽ انهن ڊيڄاريندڙ بجلين قطعا نه ڏٺيون

مِنْ بَعْدِ مَا اَخْبَرَ الْاَقْوَامَ كَاهِنُهُمْ

پوءِ انهن (ڪافرن) کي سندن ڄوڳين هي خبر ٻڌائي

بِاَنَّ دِيْنَهُمُ الْمُعْوَجَّ لَمْ يَقُمِ

ته بيشڪ سندن سڀ مذهب باطل ۽ بالڪل برباد ٿي پوندا

وَبَعْدَ مَا عَايَنُوْا فِي الْاُفُقِ مِنْ شُهُبٍ

ان کان پوءِ انهن تارن کي آسمان مان ڪرندو ڏٺو ۽ اهڙي طرح

مُنْقَضَّةٍ وَفْقَ مَا فِي الْاَرْضِ مِنْ صَنَمِ

زمين تي سمورا بت (خوار ٿي) ڪري پيا

حَتّٰى غَدَا عَنْ طَرِيْقِ الْوَحْيِ مُنْهَزِمٌ

وحي رباني جي رستي کان شيطان ائين ڀري ڀڄندا هئا

مِنَ الشَّيَاطِيْنِ يَقْفُوْا اِثْرَ مُنْهَزِمِ

جو اهي هڪ ٻئي جي مٿان (خوف سببان) ڪري پوندا هئا

# اَلْفَصْلُ الرَّابِعُ

## فصل چوٿون: سومر کان پڙهو

كَاَنَّهُمْ هَرَبًا اَبْطَالُ اَبْرَهَةٍ

اهي شيطان ائين ڀڳا جيئن ابرههؔ جا پهلوان ڪنڪرين کان

اَوْ عَسْكَرٌ بِالْحَصٰى مِنْ رَاحَتَيْهِ رُمِيْ

يا ڀاڻ ڪريمن جنگ بدر ۾ هڪ مٺ پٿرين سان سڀ ڪافر ڀڄائي ڇڏيا

نَبْذًا بِهٖ بَعْدَ تَسْبِيْحٍ بِبَطْنِهِمَا

پاڻ ڪريمن جي هٿن ۾ پٿرين، ائين تسبيح ٿي پڙهي

نَبْذَ الْمُسَبِّحِ مِنْ اَحْشَاءِ مُلْتَقِمِ

جيئن حضرت يونس مڇي جي پيٽ ۾ تسبيح ٿي پڙهي

ﻠﻪ يمن جي بادشاهه جو نالو آهي جنهن بيت الله شريف تي حملي جو ارادو ڪيو هو، پوءِ الله تعالىٰ ابره ۽ سندس لشڪر کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. اهو بيان سورة فيل ۾ آهي.

جَاءَتْ لِدَعْوَتِهِ الْاَشْجَارُ سَاجِدَةً

پاڻ ڪريمن جي حڪم سان وڻ سجدو ڪري وٽن آيا ٿي

تَمْشِيْ اِلَيْهِ عَلٰى سَاقٍ بِلَا قَدَمٖ

۽ اهي وڻ بنا پيرن جي ٿڙ تي هلي آيا ٿي

كَاَنَّمَا سَطَرَتْ سَطْرًا لِمَا كَتَبَتْ

انهن وڻن پنهنجي ٽارين سان ليڪون ڪڍيون ۽ چڱي طرح لکيو

فُرُوْعُهَا مِنْ بَدِيْعِ الْخَطِّ فِي اللَّقَمِ

انهن وڻن جي لکت رستي ۾ بالڪل عجيب هئي

مِثْلُ الْغَمَامَةِ اَنّٰى سَارَ سَائِرَةً

پاڻ ڪريم جيڏانهن به ويندا هئا ته ڪڪر سندن مٿان ڇانو ڪندا هئا

تَقِيْهِ حَرَّ وَطِيْسٍ لِلْهَجِيْرِ حَمِيْ

ان لاءِ ته پاڻ ڪريمن کي اونهاري جي سخت گرمي کان محفوظ رکن

اَقْسَمْتُ بِالْقَمَرِ الْمُنْشَقِّ اِنَّ لَهٗ

آئون چيريل چنڊ جو سچو قسم انهي لاءِ کڻان ٿو جو بيشڪ

مِنْ قَلْبِهٖ نِسْبَةً مَّبْرُوْرَةَ الْقَسَمِ

چيريل چنڊ کي پاڻ ڪريمن جي دل مبارڪ سان خاص نسبت آهي

له پاڻ ڪريمن عليه التحية و الثناء جي آڱر جي اشاري سان چنڊ چيرجي ٻه ٽڪر ٿيو، هڪ ٽڪر آسمان ۾ رهيو ۽ ٻيو ٽڪر پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جي دربار اقدس ۾ حاضر ٿيو. انهي معجزي جو ذڪر قرآن ڪريم جي سورة والقمر ۾ موجود آهي.

وَمَا حَوَى الْغَارُ مِنْ خَيْرٍ وَّمِنْ كَرَمٍ

۾ عجيب نموني سان غار ثور ۾ خير ۽ ڪرم گڏ هئا

وَكُلُّ طَرْفٍ مِّنَ الْكُفَّارِ عَنْهُ عَمِي

جو هر طرف کان ڪافر انهن جي ڏسڻ ڪان انڌا ٿي پيا

فَالصِّدْقُ فِي الْغَارِ وَالصِّدِّيقُ لَمْ يَرِيَا

پاڻ ڪريم ۽ صديق اڪبر غار ۾ اندر ويٺل هئا

وَهُمْ يَقُولُونَ مَا بِالْغَارِ مِنْ اَرِمٍ

۽ غار جي ٻاهران ڪافر چيوٽ هن غار ۾ ڪو ماڻهو ڪونهي

ظَنُّوا الْحَمَامَ وَظَنُّوا الْعَنْكَبُوتَ عَلَى

ڪبوترجا آنا ۽ ڪوريئڙي جو جار ڏسي ڪافر سمجهوته

خَيْرِ الْبَرِيَّةِ لَمْ تَنْسُجْ وَلَمْ تَحُمِ

پاڻ ڪريم انهي غار ۾ قطعًا موجود ناهن

وِقَايَةُ اللّٰهِ اَغْنَتْ عَنْ مُّضَاعَفَةٍ

الله تعالى جي حفاظت پاڻ ڪريمن کي بي نياز ڪري ڇڏيو

مِّنَ الدُّرُوعِ وَعَنْ عَالٍ مِّنَ الْاُطُمِ

هر اعلى قسم جي زرهن ۽ بلند قلعن کان

مَا سَامَنِي الدَّهْرُ ضَيْمًا وَّاسْتَجَرْتُ بِهٖ

موں کي جڏهن زماني وارن تنگ ڪيو ته مون پاڪ ڪريمن کان پناھ ورتي

اِلَّا وَنِلْتُ جِوَارًا مِّنْهُ لَمْ يُضَمِ

جڏهن مون وٽن سندن مدد پهتي ته سڀ مصيبتون دور ٿي ويون

وَلَا الْتَمَسْتُ غِنَى الدَّارَيْنِ مِنْ يَّدِهٖ

جڏهن مون دين ۽ دنيا جي سرفرازي پاڻ ڪريمن کان طلب ڪئي

اِلَّا اسْتَلَمْتُ النَّدٰى مِنْ خَيْرِ مُسْتَلِمِ

ته پاڻ ڪريمن مون کي اها پنهنجي دست شفقت سان عطا ڪئي

لَا تُنْكِرِ الْوَحْيَ مِنْ رُّؤْيَاهُ اِنَّ لَهٗ

تون ان وحي رباني جو انڪار نه ڪر جيڪا ڪين ننڊ دوران ايندي هئي

قَلْبًا اِذَا نَامَتِ الْعَيْنَانِ لَمْ يَنَمِ

ڇو ته پاڻ ڪريمن جون اکيون سمهنديون هيون پر سندن دل سجاڳ هوندي هئي

وَذَاكَ حِيْنَ بُلُوْغٍ مِّنْ نُّبُوَّتِهٖ

درحقيقت سچا خواب نبوت جي ملڻ جي پهرين نشاني آهن

فَلَيْسَ يُنْكَرُ فِيْهِ حَالُ مُحْتَلِمِ

پوءِ تون اي عقلمند انهن سچن خوابن جو انڪار نه ڪر

تَبَارَكَ اللّٰهُ مَا وَحْيٌ بِمُكْتَسَبٍ

الله تعاليٰ بابرڪت آهي ۽ وحي رباني جو اچڻ ڪنهن جي وس ۾ نه آهي

وَلَا نَبِيٌّ عَلٰى غَيْبٍ بِمُتَّهَمِ

۽ پاڻ ڪريم علم غيب کي لڪائيندڙ ناهن.

كَمْ اَبْرَأَتْ وَصِبًا بِاللَّمْسِ رَاحَتُهٗ

ڪيترا بيمار سندن هٿ مبارڪ گهمائڻ سان مڪمل صحتمند ٿي ويا

وَاَطْلَقَتْ اَرِبًا مِّنْ رِّبْقَةِ اللَّمَمِ

۽ ڪيترا ڦٽيا، چريائي کان آزاد ٿي ويا

وَاَحْيَتِ السَّنَةَ الشَّهْبَاءَ دَعْوَتُهٗ

پاڻ ڪريمن جي دُعا سان ڏڪار ۽ مصيبتون لهي ويون

حَتّٰى حَكَتْ غُرَّةً فِي الْاَعْصُرِ الدُّهُمِ

۽ سندن دُعا سان هڪ دم برسات وسڻ شروع ٿي

بِعَارِضٍ جَادَ اَوْ خِلْتَ الْبِطَاحَ بِهَا

پاڻ ڪريمن جي دعا سان رحمت جو اهڙو ڪڪر وسيو

سَيْبًا مِّنَ الْيَمِّ اَوْ سَيْلًا مِّنَ الْعَرِمِ

جو وادين ۾ گوياڪ دريا وهڻ شروع ٿيو

لَمْ تَقْتَرِنْ بِزَمَانٍ وَّهِيَ تُخْبِرُنَا

قرآن ڪريم جون آيتون ڪنهن به زماني جون محتاج ناهن

عَنِ الْمَعَادِ وَعَنْ عَادٍ وَّعَنْ اِرَمِ

انهيءَ ۾ آخرت جون خبرون ۽ قوم عاد ۽ ارم جون خبرون آهن

# اَلْفَصْلُ الْخَامِسُ

## فصل پنجون: اڳاري ڪان پڙهو

دَامَتْ لَدَيْنَا فَفَاقَتْ كُلَّ مُعْجِزَةٍ

قرآن ڪريم جو معجزو اسان وٽ هميشه محفوظ رهندو

مِنَ النَّبِيِّيْنَ اِذْ جَاءَتْ وَلَمْ تَدُمِ

سڀني پيغمبرن جا معجزا سچاهئا پر اهي باقي نه رهيا

مُحَكَّمَاتٌ فَمَا يُبْقِيْنَ مِنْ شُبَهٍ

قرآن پاڪ جون آيتون محڪم (ثابت) آهن ۽ ان ۾ ڪو به بدبخت شڪ نٿو ڪري سگهي

لِذِيْ شِقَاقٍ وَّلَا يَبْغِيْنَ مِنْ حَكَمِ

انهيءَ ڪري جو اهي پاڻ پنهنجي جاءِ تي فيصلا ڪُن آهن

مَا حُوْرِبَتْ قَطُّ اِلَّا عَادَ مِنْ حَرَبٍ

جنهن بہ ماڻهوءَ قرآن ڪريم سان مقابلو ڪيو، اُن کي انهيءَ ۾ شڪست ملي

اَعْدَى الْاَعَادِيْ اِلَيْهَا مُلْقِيَ السَّلَمِ

آخرڪار دشمنن قرآن ڪريم کي دل سان تسليم ڪيو

رَدَّتْ بَلَاغَتُهَا دَعْوٰى مُعَارِضِهَا

قرآن ڪريم جي فصاحت ۽ بلاغت سيني جي دعوائن کي رد ڪري ڇڏيو

رَدَّ الْغَيُوْرِ يَدَ الْجَانِيْ عَنِ الْحَرَمِ

جيئن غيرتمند انسان هميشه پنهنجي گهر وارن جي حفاظت ڪري ٿو

لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِيْ مَدَدٍ

قرآن ڪريم جون معنائون درياءَ جي ڇولين وانگر گهڻيون آهن

وَفَوْقَ جَوْهَرِهٖ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ

۽ انهيءَ جا موتي حُسن ۽ قيمت ۾ نهايت اعليٰ آهن

فَلَا تُعَدُّ وَلَا تُحْصٰى عَجَائِبُهَا

پوءِ تون قرآن ڪريم جي عجيب رازن کي ڳڻي ۽ اندازو ڪري نه ٿو سگهين

وَلَا تُسَامُ عَلَى الْاِكْثَارِ بِالسَّأَمِ

۽ گهڻي تلاوت جي ڪري تون ان کان بيزار نه ٿيندين

قَرَّتْ بِهَا عَيْنُ قَارِيهَا فَقُلْتُ لَهُ

قرآن ڪريم پڙهڻ سان پڙهندڙ جا نيڻ ٺرن ٿا پوءِ مون ان کي چيو ته

لَقَدْ ظَفِرْتَ بِحَبْلِ اللّٰهِ فَاعْتَصِمِ

بيشڪ تولاءِ ڪاميابي آهي پوءِ تون الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙ

اِنْ تَتْلُهَا خِيفَةً مِّنْ حَرِّ نَارِ لَظًى

جيڪڏهن جهنم جي باهه جي خوف کان قرآن ڪريم جي قرائت ڪندين

اَطْفَأْتَ حَرَّ لَظًى مِنْ وِّرْدِهَا الشَّبِمِ

ته جهنم جي گرمي تون ان جي پاڻي سان اجهائي ڇڏيندين

كَاَنَّهَا الْحَوْضُ تَبْيَضُّ الْوُجُوْهُ بِهٖ

قرآن ڪريم جون آيتون حوض ڪوثر وانگر آهن جنهن سان

مِنَ الْعُصَاةِ وَقَدْ جَاءُوْهُ كَالْحُمَمِ

گنهگارن جا ڪوئلي جهڙا ڪارا چهرا روشن ٿين ٿا

وَكَالصِّرَاطِ وَكَالْمِيْزَانِ مَعْدِلَةً

قرآن ڪريم پلصراط ۽ ميزان وانگر هموار آهي

فَالْقِسْطُ مِنْ غَيْرِهَا فِي النَّاسِ لَمْ يَقُمِ

جو انهيءَ کان سواءِ ماڻهن ۾ انصاف ڪرڻ ناممڪن آهي

لَا تَعْجَبَنْ لِحَسُوْدٍ رَاحَ يُنْكِرُهَا

توڻ اُن حاسد تي تعجب نہ ڪر جيڪو قرآن ڪريم جو انڪاري ٿيو آهي

تَجَاهُلًا وَهُوَ عَيْنُ الْحَاذِقِ الْفَهِمِ

اُهو (درحقيقت) جاهل آهي جيتوڻيڪ پاڻ کي عقلمند سمجهي

قَدْ تُنْكِرُ الْعَيْنُ ضَوْءَ الشَّمْسِ مِنْ رَمَدٍ

جيڪا اک بيمار هجي سا سج جي روشني کي نہ ڏسي سگهي ٿي

وَيُنْكِرُ الْفَمُ طَعْمَ الْمَاءِ مِنْ سَقَمِ

۽ جيڪو وات بيمار هجي سو مٺي پاڻي جو ذائقو کي نہ معلوم ڪري سگهي ٿو

يَا خَيْرَ مَنْ يَمَّمَ الْعَافُوْنَ سَاحَتَهٗ

يارسول الله! توهان جي دربار ۾ سڀئي ماڻهو اچن ٿا

سَعْيًا وَفَوْقَ مُتُوْنِ الْاَيْنُقِ الرُّسُمِ

ڪي پيادا ۽ ڪي اٺن تي سوار ٿي اچن ٿا

وَمَنْ هُوَ الْاٰيَةُ الْكُبْرٰى لِمُعْتَبِرٍ

يارسول الله توهانجو وجود مقدس يقين رکندڙن لاءِ الله تعالى جي عظيم نشاني آهي

وَمَنْ هُوَ النِّعْمَةُ الْعُظْمٰى لِمُغْتَنِمِ

۽ توهان جو وجود اُنهن لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي

سَرَيْتَ مِنْ حَرَمٍ لَيْلًا اِلٰى حَرَمٍ

رسولِ عربي! توهاڪ رات ۾ بيت الله کان بيت المقدس تائين سير مڪمل ڪيو

كَمَا سَرَى الْبَدْرُ فِيْ دَاجٍ مِّنَ الظُّلَمِ

جيئن اونداهي رات ۾ چوڏهين جو چنڊ پنهنجو سير مڪمل ڪري ٿو

وَبِتَّ تَرْقٰى اِلٰى اَنْ نِّلْتَ مَنْزِلَةً

رسولِ عربي توهاڪ رات ۾ سڀ منزلون مڪمل ڪري قاب قوسين تي پهتا

مِنْ قَابَ قَوْسَيْنِ لَمْ تُدْرَكْ وَلَمْ تُرَمِ

هي اها منزل آهي جنهن تي توهان کان سواءِ ڪو نه پهتو نه ڪو خواهش ڪندو

وَقَدَّمَتْكَ جَمِيْعُ الْاَنْبِيَآءِ بِهَا

۽ رسولِ عربي توهاڪي (مسجد اقصٰى ۾) سڀني نبين امامت لاءِ اڳيان ڪيو

وَالرُّسُلِ تَقْدِيْمَ مَخْدُوْمٍ عَلٰى خَدَمِ

توهان انهن جا مخدوم ٿيا ۽ اهي سڀ توهان جا خادم ٿيا

وَاَنْتَ تَخْتَرِقُ السَّبْعَ الطِّبَاقَ بِهِمْ

رسولِ عربي! توهان ستن آسمانن جو سفر مڪمل ڪري ملائڪن کان مٿي هليا ويا

فِيْ مَوْكِبٍ كُنْتَ فِيْهِ صَاحِبَ الْعَلَمِ

انهن جي جماعت جا اوهان سردار ۽ جهنڊو ڪنڌ تي هئا

حَتّٰى اِذَا لَمْ تَدَعْ شَاْوًا لِمُسْتَبِقٍ

ايستائين جو توهان اڳتي وڌندڙ لاءِ ڪا به حد باقي نه ڇڏي

مِنَ الدُّنُوِّ وَلَا مَرْقًى لِمُسْتَنِمِ

۽ انهي مَقامِ قرب کي جبرئيل امين به پهچي نه سگهيو

خَفَضْتَ كُلَّ مَقَامٍ بِالْاِضَافَةِ اِذْ

توهان سيني پيغمبرن جا مقام ۽ درجا هيٺ ڪري ڇڏيا

نُوْدِيْتَ بِالرَّفْعِ مِثْلَ الْمُفْرَدِ الْعَلَمِ

ڇو ته فقط توهان کي معراج تي نهايت شان سان سڏيو ويو

كَيْمَا تَفُوْزَ بِوَصْلٍ اَيِّ مُسْتَتِرٍ

معراج ان لاءِ ڪرايو ويو ته توهان خدا تعالىٰ جي ملاقات سان سرفراز ٿيو

عَنِ الْعُيُوْنِ وَسِرٍّ اَيِّ مُكْتَتَمِ

۽ ڪهڙا به مخفي ۽ پوشيده راز هجن سي توهان تي ظاهر ٿين

فَحُزْتَ كُلَّ فَخَارٍ غَيْرِ مُشْتَرَكٍ

توهان ۾ سيئي خوبيون جمع ڪيون ويون جيڪي ڪنهن ۾ به ناهن

وَجُزْتَ كُلَّ مَقَامٍ غَيْرِ مُزْدَحِمِ

توهان اڪيلي سر ماڻهن کان سواءِ اهي سيئي مقام ۽ منزلون مڪمل ڪيون

وَجَلَّ مِقْدَارُ مَا وُلِّيتَ مِنْ رُتَبٍ

رسول عربي توهان کي عظيم الشان مرتبن جو مالک بنايو ويو

وَعَزَّ اِدْرَاکَ مَا اُوْلِيتَ مِنْ نِّعَمٍ

عقل ۾ سمجهه کان اهي مرتبا پري آهن جيکي توهان کي مليا آهن

بُشْرٰى لَنَا مَعْشَرَ الْاِسْلَامِ اِنَّ لَنَا

اسان مسلمانن کي مبارڪون هجن ڇو ته پاڻ ڪريم

مِنَ الْعِنَايَةِ رُكْنًا غَيْرَ مُنْهَدِمِ

اسان کي اهي مضبوط ٿنيا عنايت ٿيا آهن جيکي ڪڏهن ڪرندا

## اَلْفَصْلُ السَّادِسُ

## فصل ڇهون: اربع کان پڙهو

لَمَّا دَعَى اللّٰهُ دَاعِيْنَا لِطَاعَتِهٖ

ڇو ته الله تعالىٰ توهان کي سيني رسولن کان پهرين ڪري سڏيو آهي

بِاَكْرَمِ الرُّسُلِ كُنَّا اَكْرَمَ الْاُمَمِ

۽ توهان جي صدقي الله تعالىٰ اسانکي بهترين امت ڪري سڏيو آهي

## رَاعَتْ قُلُوْبَ الْعِدٰى اَنْبَاءُ بِعْثَتِهٖ

رسولِ عربي جي رسالت جي خبر ٻڌي مخالفن جون دليون ڏڪي ويون

## كَنَبْاَةٍ اَجْفَلَتْ غُفْلًا مِّنَ الْغَنَمِ

جيئن شينهن جي گجگوڙ کان ٻڪريون ٽهي پڇن ٿيون

## مَا زَالَ يَلْقَاهُمْ فِيْ كُلِّ مُعْتَرَكٍ

صحابه ڪرام جنگ جي هر ميدان ۾ هميشه ڪافرن سان مقابلو ڪندا هئا

## حَتّٰى حَكَوْا بِالْقَنَا لَحْمًا عَلٰى وَضَمٍ

ايستائين جو سندن جسم نيزن تي ائين پيا هئا جيئن اڏي تي گوشت هجي

## وَدُّوا الْفِرَارَ فَكَادُوْا يَغْبِطُوْنَ بِهٖ

جنگ جي خوف کان ڪافرن ڀڄڻ کي پسند ڪيو

## اَشْلَاءَ شَالَتْ مَعَ الْعِقْبَانِ وَالرَّخَمِ

ڪافرن چاهيو ٿي ته ڪاش سندن جسم جا ٽڪر ڳجهن ۽ سرٽن کڻي ورتا هجن

## تَمْضِي اللَّيَالِيْ وَلَا يَدْرُوْنَ عِدَّتَهَا

راتيون گذريون ٿي، پر ڪافر انهن کي ڳڻي نه ٿي سگهيا

## مَا لَمْ تَكُنْ مِّنْ لَيَالِي الْاَشْهُرِ الْحُرُمِ

جيستائين نه اچن اهي راتيون جن ۾ جنگ ڪرڻ حرام آهي

كَأَنَّمَا الدِّيْنُ ضَيْفٌ حَلَّ سَاحَتَهُمْ

گويا ڪ دين جو لشڪر هڪ مهمان هو جيڪو انهن ڪريمن جي آڱڻ ۾ لٿو

بِكُلِّ قَرْمٍ إِلٰى لَحْمِ الْعِدٰى قَرِمِ

هر سردار ايئن چاهيو ٿي ته ڪيئن دشمن جو گوشت ملي

يَجُرُّ بَحْرَ خَمِيْسٍ فَوْقَ سَابِحَةٍ

تيز گهوڙن تي اهو لشڪر درياءَ جي مثال هلندو هو

تَرْمِيْ بِمَوْجٍ مِّنَ الْأَبْطَالِ مُلْتَطِمِ

جو جنگ جي ميدان ۾ اهو هر وقت ڇولين هڻندو هو

مِنْ كُلِّ مُنْتَدِبٍ لِلّٰهِ مُحْتَسِبٍ

سڀئي اصحابي حڪم مڃيندڙ ۽ الله تعالیٰ جي اجر عظيم ۾ اميد رکندڙ هئا

يَسْطُوْ بِمُسْتَأْصِلٍ لِّلْكُفْرِ مُصْطَلِمِ

اهي ڪافرن تي حملو ڪندڙ ۽ ڪفر جون پاڙون پٽيندڙ هئا

حَتّٰى غَدَتْ مِلَّةُ الْإِسْلَامِ وَهِيَ بِهِمْ

ايستائين جو صحابه ڪرام جي ڪوشش سان دين اسلام مضبوط ٿيو

مِنْ بَعْدِ غُرْبَتِهَا مَوْصُوْلَةَ الرَّحِمِ

شروع ۾ دين غريب (ڪمزور) هو ۽ آخر ۾ دين مضبوط ٿيو

مَكْفُولَةً أَبَدًا مِنْهُمْ بِخَيْرِ أَبٍ

جيئن ڪنهن يتيم کي مهربان پيءُ ۽ بيوه کي بهترين گهر وارو ملي وڃي

وَخَيْرِ بَعْلٍ فَلَمْ تَيْتَمْ وَلَمْ تَئِمِ

پوءِ يتيمي جو هِن کي ۽ ٻي وار ٿي جو هُن کي ڪهڙو غم ٿيندو

هُمُ الْجِبَالُ فَسَلْ عَنْهُمْ مُصَادِمَهُمْ

اهي اصحابي جنگ جي ميدان ۾ جبلن وانگر مضبوط هئا

مَاذَا رَأَوْا مِنْهُمْ فِي كُلِّ مُصْطَدَمِ

پوءِ تون مقابلن جون خبرون جنگي ميدانن کان پُڇ ته انهن ڇا ڏٺو

فَسَلْ حُنَيْنًا وَسَلْ بَدْرًا وَسَلْ أُحُدًا

پوءِ تون حُنين ۽ بدر ۽ اُحد کان پُڇي معلوم ڪر

فُصُولُ حَتْفٍ لَهُمْ أَدْهَى مِنَ الْوَخَمِ

ته ڪافرن جي مٿان موت جي وبا ڪيئن نازل ٿي

اَلْمُصْدِرِي الْبِيضِ حُمْرًا بَعْدَ مَا وَرَدَتْ

انهن پنهنجون تلوارون دشمن جي رت سان ڳاڙهيون ڪري ڇڏيون

مِنَ الْعِدَى كُلَّ مُسْوَدٍّ مِنَ اللِّمَمِ

انهن ڪافرن جي مٿن تي نهايت سخت وار ڪيا

وَالْكَاتِبِيْنَ بِسُمْرِ الْخَطِّ مَا تَرَكَتْ

۽ اصحابن پنهنجي بهترين نيزن سان ڪافرن تي ايترا ته حملا ڪيا

اَقْلَامُهُمْ حَرْفَ جِسْمٍ غَيْرَ مُنْعَجِمِ

جو سندن نشانن کان دشمن جي ڪو به جسم بچي نه سگهيو

شَاكِي السِّلَاحِ لَهُمْ سِيْمَا تُمَيِّزُهُمْ

اهي مسلح هئا ۽ انهن جي پيشانين تي سجدن جا صاف نشان ايئن هئا

وَالْوَرْدُ يَمْتَازُ بِالسِّيْمَا مِنَ السَّلَمِ

جيئن گلاب جو گل پنهنجي نشاني سان ڪنڊن واري وڻ کان ممتاز هوندو آهي

تُهْدِيْ اِلَيْكَ رِيَاحَ النَّصْرِ نَشْرُهُمْ

اصحابن جي فتح جون خبرون تو ڏانهن هوائون موڪلين ٿيون

فَتَحْسَبُ الزَّهْرَ فِي الْأَكْمَامِ كُلَّ كَمِ

پوءِ تون ايئن سمجهين ته گويا ڪ گلاب جو گل پردي ۾ ڍڪيل آهي

كَاَنَّهُمْ فِيْ ظُهُوْرِ الْخَيْلِ نَبْتُ رُبًى

اهي گهوڙن تي ايئن مضبوط سواري ڪندا هئا جيئن جبل تي ڪو ٻوٽو قائم

مِنْ شِدَّةِ الْحَزْمِ لَا مِنْ شِدَّةِ الْحُزُمِ

اهي اهڙي مضبوطيءَ سان سواري ڪندا هئا جن کي [illegible] جي ضرورت نه هئي

طَارَتْ قُلُوْبُ الْعِدٰى مِنْ بَأْسِهٖ فَرَقًا

جنگ جي سختي جي ڪري دشمنن جا عقل غائب ٿي ويا

فَمَا تُفَرِّقُ بَيْنَ الْبَهْمِ وَالْبُهَمِ ؕ

اُهي اهو فرق به نہ ٿي ڪري سگهيا تہ ماڻهو آهي يا ٻڪري آهي

وَمَنْ تَكُنْ بِرَسُوْلِ اللّٰهِ نُصْرَتُهٗ

جنهن شخص کي رسول الله جي مدد حاصل هجي ٿي

اِنْ تَلْقَهُ الْاُسْدُ فِيْٓ اٰجَامِهَا تَجِمِ ؕ

اُن جي اڳيان شينهن به جهنگل ۾ پڇ لوڏائي ٿو

وَلَنْ تَرٰى مِنْ وَّلِيٍّ غَيْرَ مُنْتَصِرٍ

تون ڪڏهن به ڪريمن جو دوست سندن مدد کان خالي نہ ڏسندين،

بِهٖ وَلَا مِنْ عَدُوٍّ غَيْرَ مُنْقَصِمِ ؕ

۽ جيڪو سندن دشمن آهي اُن کي تون ذليل ۽ خوار ڏسندين

اَحَلَّ اُمَّتَهٗ فِيْ حِرْزِ مِلَّتِهٖ ؕ

پاڻ ڪريمن پنهنجي اُمت کي ملت جي ڪوٽ ۾ محفوظ رکيو

كَاللَّيْثِ حَلَّ مَعَ الْاَشْبَالِ فِيْ اَجَمِ ؕ

جيئن غار ۾ شينهن پنهنجي ٻچن کي محفوظ رکي ٿو

كَمْ جَدَّلَتْ كَلِمَاتُ اللّٰهِ مِنْ جَدَلٍ

ڪيترا ڀيرا قرآن ڪريم مخالفن کي ڏوڙ ۾ اڇلايو

فِيْهِ وَكَمْ خَصَمَ الْبُرْهَانُ مِنْ خَصِمِ

۽ ڪيترا ڀيرا قرآن ڪريم معجزن سان پنهنجي مخالفن تي غالب ٿيو

كَفَاكَ بِالْعِلْمِ فِي الْأُمِّيِّ مُعْجِزَةً

اُمّي جي صورت ۾ وسيع علم توهان جو وڏو معجزو آهي

فِي الْجَاهِلِيَّةِ وَالتَّأْدِيْبِ فِي الْيُتُمِ

۽ جاهليت جي زماني ۾ ادب سيکاريائون ان صورت ۾ جو پاڻ يتيم هئا

خَدَمْتُهُ بِمَدِيْحٍ أَسْتَقِيْلُ بِهِ

مون پاڻ ڪريمن جي نعت ان لاءِ چئي آهي ته منهنجا گناهه بخش ٿين

ذُنُوْبَ عُمْرٍ مَّضٰى فِي الشِّعْرِ وَالْخِدَمِ

جو ته مون پنهنجي زندگي اجاين شعرن ۽ خوشامدن ۾ گذاري آهي

آيَاتُهُ الْغُرُّ لَا يَخْفٰى عَلٰى أَحَدٍ

پاڻ ڪريمن جا معجزا روشن آهن ۽ ڪنهن ماڻهو جي متان لڪل ناهن

بِدُوْنِهَا الْعَدْلُ بَيْنَ النَّاسِ لَمْ يَقُمِ

جو ته انهن کان سواءِ دنيا ۾ انصاف قائم نه ٿي سگهندو

# اَلْفَصْلُ السَّابِعُ

## فصل ستون: خميس تي پڙهو.

اِذْ قَلَّدَانِیْ مَا تُخْشٰی عَوَاقِبُهٗ

چوته ڏارين جي غلاميءَ گناهن جي ڪري منهنجي ڳچيءَ ۾ پٽو پيل آهي

كَاَنَّنِیْ بِهِمَا هَدْیٌ مِّنَ النَّعَمِ

گوياڪ آئون انهن ٻنهي ڪمن جي ڪري قرباني جي ڍور وانگر آهيان

اَطَعْتُ غَیَّ الصِّبَا فِی الْحَالَتَيْنِ وَمَا

مون ٻارن وانگر گمراهيءَ جي تابعداري ڪئي ٻنهي حالتن ۾

حَصَلْتُ اِلَّا عَلَی الْاٰثَامِ وَالنَّدَمِ

يعني شعر چيم ۽ ڏارين جي خدمت ڪيم پر ان جي عيوض مون کي گناهه ۽ ندامت ملي

فَيَا خَسَارَةَ نَفْسِیْ فِیْ تِجَارَتِهَا

منهنجي نفس کي حيف هجي جنهن نقصان وارو سودو ڪيو

لَمْ تَشْتَرِ الدِّيْنَ بِالدُّنْيَا لَمْ تَسُمِ

اُن آخرت جي عيوض بي عقلي سان دنيا کي خريد ڪيو

وَمَنْ يَّبِعْ اٰجِلًا مِّنْهُ بِعَاجِلِهٖ

۽ جنهن ماڻهوءَ آخرت جو ثواب وڪڻي ان جي عيوض دنيا خريد ڪئي

يَبِنْ لَهُ الْغَبْنُ فِيْ بَيْعٍ وَّفِيْ سَلَمٖ

درحقيقت اُن وڏي نقصان ۾ ڇيهي وارو واپار ڪيو

اِنْ اٰتِ ذَنْبًا فَمَا عَهْدِيْ بِمُنْتَقِضٍ

جيتوڻيڪ آءٌ گنهگار آهيان پر منهنجو وعدو رسول عربي ﷺ نه ٽٽو آهي

مِنَ النَّبِيِّ وَلَا حَبْلِيْ بِمُنْصَرِمٖ

۽ منهنجي دين اسلام جي رسي ڪڏهن به ٽٽڻ واري ناهي

فَاِنَّ لِيْ ذِمَّةً مِّنْهُ بِتَسْمِيَتِيْ

پوءِ بيشڪ مون لاءِ امان آهي ڇو ته منهنجو نالو به محمّد آهي

مُحَمَّدًا وَّهُوَ اَوْفَى الْخَلْقِ بِالذِّمَمٖ

۽ پاڻ ڪريم سموري مخلوق کان وڌيڪ باوفا ۽ پناهه ڏيندڙ آهن

اِنْ لَّمْ يَكُنْ فِيْ مَعَادِيْ اٰخِذًا بِيَدِيْ

جيڪڏهن موت وقت توهان پنهنجي فضل سان پنهنجي وعدي موجب

فَضْلًا وَّاِلَّا فَقُلْ يَا زَلَّةَ الْقَدَمٖ

منهنجي مدد نه ڪئي ته آءٌ يقيناً خوار ٿيندس

حَاشَاهُ أَنْ يُّحْرِمَ الرَّاجِيْ مَكَارِمَهٗ

پاڻ ڪريم هرگز ڪنهن اميدوار کي پنهنجي بخشش کان محروم نٿا ڪن

أَوْ يَرْجِعُ الْجَارُ مِنْهُ غَيْرُ مُحْتَرَمِ

يا پنهنجي قرب واري کي پنهنجي در تان ڪڏهن به نٿا موٽائين

وَمُنْذُ أَلْزَمْتُ أَفْكَارِيْ مَدَائِحَهٗ

رسولِ عربي جي نعتن لاءِ جڏهن کان مون پاڻ کي وقف ڪيو آهي

وَجَدْتُّهٗ لِخَلَاصِيْ خَيْرَ مُلْتَزَمِ

اُن وقت کان وٺي پاڻ ڪريم مون لاءِ نجات ۽ پناهه جي جاءِ ثابت ٿيا آهن

وَلَنْ يَّفُوْتَ الْغِنٰى مِنْهُ يَدًا تَرِبَتْ

توهان جي سخيءَ هٿ کان محتاج ڪڏهن به نااميد نه ٿو ٿئي

إِنَّ الْحَيَا يُنْبِتُ الْأَزْهَارَ فِى الْأَكَمِ

بيشڪ مينهن جبلن جي چوٽين تي گل ڦلائي ٿو

وَلَمْ أُرِدْ زَهْرَةَ الدُّنْيَا الَّتِي اقْتَطَفَتْ

آءٌ زُهير شاعر وانگر دنيا جو مال طلب نه ٿو ڪريان

يَدَا زُهَيْرٍ بِمَا أَثْنٰى عَلٰى هَرِمِ

جنهن سنان بن هرم جي تعريف ڪري دولت حاصل ڪئي

يَا أَكْرَمَ الْخَلْقِ مَا لِي مَنْ أَلُوذُ بِهِ

يا رسول الله توهان کان سواءِ منهنجو اهڙو ڪو بہ ڪو نهي

سِوَاكَ عِنْدَ حُلُولِ الْحَادِثِ الْعَمَمِ

جنهن کان آئون وڏن حادثن وقت پناه وٺان

وَلَنْ يَّضِيقَ رَسُولَ اللّٰهِ جَاهُكَ بِي

منهنجي شفاعت ڪرڻ سان توهان جو شان قطعاً گهٽ نہ ٿيندو

إِذَا الْكَرِيمُ تَجَلّٰى بِاسْمِ مُنْتَقِمِ

جڏهن توهان سخي آهيو ۽ توهان پنهنجي حقيقي نالي سان روشن آهيو

فَإِنَّ مِنْ جُودِكَ الدُّنْيَا وَضَرَّتَهَا

پوءِ بيشڪ توهان جي سخاوت سان دنيا ۽ آخرت آهي

وَمِنْ عُلُومِكَ عِلْمَ اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ

۽ توهان جي علم جو هڪ حصو لوح محفوظ آهي

يَا نَفْسُ لَا تَقْنَطِي مِنْ زَلَّةٍ عَظُمَتْ

اي نفس تون ڪبيرن گناهن جي ڪري نا اميد نہ ٿي

إِنَّ الْكَبَائِرَ فِي الْغُفْرَانِ كَاللَّمَمِ

بيشڪ ڪبيرا گناه بخشش ڪرڻ ۾ صغيرن گناهن جهڙا ننڍا آهن

لَعَلَّ رَحْمَةَ رَبِّىْ حِيْنَ يَقْسِمُهَا

الله تعالىٰ جي رحمت جڏهن ورهائي وينديءَ، مون کي اميد آهي ته

تَأْتِىْ عَلٰى حَسَبِ الْعِصْيَانِ فِى الْقِسَمِ

جيترا منهنجا گناهه هوندا اوتري مون کي رب جي رحمت ملندي

يَارَبِّ وَاجْعَلْ رَجَائِىْ غَيْرَ مُنْعَكِسٍ

يا الله تون منهنجي اُميد ۽ توقع کي ختم نه ڪر

لَدَيْكَ وَاجْعَلْ حِسَابِىْ غَيْرَ مُنْخَرِمِ

۽ تون منهنجي عمل نامي کي پنهنجي باجهه ڪان پري نه ڪر

وَالْطُفْ بِعَبْدِكَ فِى الدَّارَيْنِ اِنَّ لَهٗ

يا الله تون ٻنهي جهانن ۾ پنهنجي ٻانهي تي لطف ڪر ڇو ته

صَبْرًا مَّتٰى تَدْعُهُ الْاَهْوَالُ يَنْهَزِمِ

تڪليف اچڻ وقت صبر اُن ڪان ڀڄي پري ٿئي ٿو

وَأْذَنْ لِسُحْبِ صَلٰوةٍ مِّنْكَ دَائِمَةً

يا الله تون پنهنجي رحمت جي ڪڪرن کي حڪم ڪر ته اُهي تنهنجي طرفان

عَلَى النَّبِىِّ بِمُنْهَلٍّ وَّمُنْسَجِمِ

هميشه هميشه تنهنجي حبيب ڪريم تي رحمت جو زوردار مينهن وسائن

وَالْآلِ وَالصَّحْبِ ثُمَّ التَّابِعِيْنَ لَهُمْ

۽ ٻاڻ ڪريمن جي اهلبيتن ۽ اصحابن ۽ تابعين تي رحمتون وسن

اَهْلِ التُّقٰى وَالنُّقٰى وَالْحِلْمِ وَالْكَرَمِ

جيڪي پرهيزگار، برگزيده ۽ بردبار ۽ سخي هئا

مَا رَنَّحَتْ عَذَبَاتِ الْبَانِ رِيْحُ صَبَا

بان وڻ جون ٽاريون جيستائين بادِ صبا لوڏي ۽ جيستائين

وَاَطْرَبَ الْعِيْسَ حَادِي الْعِيْسِ بِالنَّغَمِ

اُٺ هڪليندڙ خوشي جا نغما ٻُڌائي تو مطلب قيامت تائين سنڌن مٿان رحمتون هجن

ثُمَّ الرِّضَا عَنْ اَبِيْ بَكْرٍ وَّعَنْ عُمَرٍ

ان کان پوءِ الله تعالىٰ راضي آهي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر کان

وَّعَنْ عَلِيٍّ وَّعَنْ عُثْمَانَ ذِي الْكَرَمِ

حضرت عثمان ۽ حضرت علي کان جيڪي ٻلارا آهن (رضي الله عنهم)

فَاغْفِرْ لِنَاشِدِهَا وَاغْفِرْ لِقَارِئِهَا

پوءِ اي منهنجا رب تون هن قصيدي جي ٺاهيندڙ ۽ پڙهندڙ کي بخش ڪر

سَاَلْتُكَ الْخَيْرَ يَا ذَا الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ

يا الله آئون توکان خير جو سوالي آهيان

تمت بالخير فی المسجد النبوی الشریف بالمدینة المنورہ

اَلیَومَ یَومُ الأربعاء - ۱۲، دَقیق - ۲، شَوّالُ المکرّم ۱۳۱۷ھ

عَبدُہٗ عَبدُالوَحِید سرهندي عفی عنہ ما کان منہ

کتابت:

فقیر فیض محمد سکندري پتافي حیدرآباد سنڌ، ۳، جولاءِ ۱۹۹۷ع




وما أرسلناك إلا رحمة للعالمين

٧٨٦
٩٢

# نَعْتِ مُصْطَفىٰ

صلی اللہ علیه و آلہٖ وسلم

محمد مصطفيٰ آهي، حبيب كبريا آهي
اهوئي ابتدا آهي، اهوئي انتها آهي

نہ دنيا هئي نہ عقبيٰ هئي، نہ ئي مخلوق خلقيل هئي
مگر اول سين كان ئي رسول مجتبيٰ آهي

خدا خلقيو جهانن كي رسول الله جي صدقي
اهوئي رحمت عالم امام الانبياء آهي

ذكر اذكار سڀ فاني محمد جو ذكر باقي
سبب هي ٿيو جو خود الله سندن ئي نعت خوان آهي

صبح سانجهي سدائين سڀ پڙهو صلواة سيّد تي
سڀني وردن كان اعليٰ هي وظيفو بي بها آهي

قبر محشر ۽ دنيا ۾ مدد كنهن جي نہ ٿي گهرجي
سهارو عبّد جو هر دم رسول دوجهان آهي

عبدہ عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ
دارالارشاد درگاهہ ٽنڊو سائينداد